روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد 02) سومر 18 سيپٽمبر 2023ع بمطابق پهرين ربيع الاول 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 113

جڏهن عمران خان نيب قانون تبديل ڪيا ان وقت بنديال ڪٽي هو: شهباز شريف

عدالت هڪ ڊڪٽيٽر جي ٺاهيل قانون کي بحال ڪيو آهي، سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي افسوس ٿيو آهي

پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين پنهنجي دور ۾ مخالفن کي اين آر او ڏيڻ لاءِ پيهر نيب جا قانون تبديل ڪري چڪو آهي

آرڊيننس تہ چئن مهينن جي لاءِ هو ۽ عمران خان جي اسپانسرز ان مان فائدو ڪنيو هو، اهو نيب نيازي ڳٺ جوڙ جي زنده مثال هئي

(ن) ليگ جي قانوني ٽيم نوازشريف کي پاڪستان واپسي لاءِ ڪليئرنس ڏئي ڇڏي آهي ان جي ملڪ واپسي جي رستي ۾ هاڻ ڪابہ پريشاني نہ آهي

نوازشريف پنهنجي ڪيسن ۾ نيب ترميم جو سهارو نہ ورتو هو. هو 21 آڪٽوبر تي پاڪستان پهچي ويندو

مسلم ليگ(ن) جي قيادت جي اهم گڏجاڻي ۾ (ن) ليگ جي قانوني ٽيم نوازشريف جي ملڪ واپسي جو ڪليئرنس ڏئي ڇڏيو آهي

لاهور (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف نيب ترميم تي سپريم ڪورٽ جي فيصلي ڪي افسوسناڪ قرار ڏيندي چيو آهي تہ عدالت هڪ ڊڪٽيٽر جي ٺاهيل قانون کي بحال ڪيو آهي. لنڊن ۾ صحافين سان گڏالهيون ڪندي شهباز شريف چيو تہ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين پنهنجي دور ۾ مخالفن کي اين آر او ڏيڻ لاءِ پيهر نيب جا قانون تبديل ڪري چڪو آهي. هن چيو تہ جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

لنڊن: اڳوڻو وزيراعظم شهباز شريف صحافين سان گڏالهائي رهيو آهي

چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ سپريم ڪورٽ ۾ اهم مقررين جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (م ڊ) چيف جسٽس جسٽس قاضي فائز عيسيٰ سپريم ڪورٽ ۾ اهم مقررين جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن. پڌرائي موجب جزيل اسلر کي سپريم ڪورٽ جو رجسٽرار، ڊاڪٽر محمد مشتاق کي چيف جسٽس جو سيڪريٽري، عبدالصادق کي چيف جسٽس جو اسٽاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

قاضي فائز عيسيٰ چيف جسٽس آف پاڪستان طور حلف ڪٽي ورتو

چيف جسٽس آف پاڪستان جي حلف برداري واري تقريب ۾ شرڪت لاءِ سپريم ڪورٽ جا سمورا جج گڏجي ايوان صدر پهچي ويا

ايوان صدر ۾ ٿيل تقريب دوران صدر پاڪستان ڊاڪٽر عارف علوي جسٽس قاضي فائز عيسيٰ کان سندس عهدي جو حلف ورتو

جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي حلف برداري واري تقريب ۾ نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ، چئني صوبن جي گورنرن، آرمي چيف جنرل عاصم منير، وفاقي وزيرن ۽ وڪيلن شرڪت ڪئي

قاضي فائز عيسيٰ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ تي اسٽي آرڊر بعد اپريل کان معمول جي بئنچز ۾ ويهڻ کان معذرت بہ ڪئي

پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل: چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ فل ڪورٽ بينچ جوڙيو ويو

فل ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ جي خلاف داخل درخواستن تي بينچ اڄ ٻڌڻي ڪندو، چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جوڊيشل ڪميشن جو سربراهہ بہ ٿيڻ ويو

اسلام آباد (م ڊ) جسٽس قاضي فائز عيسيٰ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي 29 هين چيف جسٽس طور حلف ڪٽي ورتو آهي ايوان صدر ۾ تقريب دوران صدر عارف علوي جسٽس قاضي فائز عيسيٰ کي عهدي جو حلف ڪٽايو چيف جسٽس جي حلف برداري تقريب ۾ سندس گهرواري سرينا فائز عيسيٰ، سينيٽر ججز، نگران ڪابينا جي ميمبرز، اڳوڻي چيف جسٽس افتخار چوڌري، آرمي چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلا آباد: صدر عارف علوي جسٽس قاضي فائز عيسيٰ کي چيف جسٽس آف پاڪستان طور حلف ڪٽائي رهيو آهي

عوامي مسلم ليگ سربراهہ شيخ رشيد گرفتار

شيخ رشيد کي هائوسنگ سوسائٽي ۾ سندس گهرمان گرفتار ڪيو ويو

اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد جي وڪيل سردار عبدالرزاق شيخ رشيد جي گرفتاري جي تصديق ڪري ڇڏي

عوامي مسلم ليگ جي سربراهہ شيخ رشيد جي ٻن پائٽين کي بہ گرفتار ڪيو ويو آهي : وڪيل سردار عبدالرزاق خان

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهہ شيخ رشيد کي گرفتار ڪيو ويو ذريعن جو چوڻ آهي تہ شيخ رشيد کي هائوسنگ سوسائٽي ۾ سندس گهر مان گرفتار ڪيو ويو. اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد جي وڪيل سردار عبدالرزاق شيخ رشيد جي گرفتاري جي تصديق ڪري ڇڏي. وڪيل سردار عبدالرزاق خان جو چوڻ آهي تہ عوامي مسلم ليگ جي سربراهہ شيخ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: عوامي مسلم ليگ جي سربراهہ شيخ رشيد کي پوليس گرفتار ڪري وٺي وڃي رهي آهي

قاضي فائز عيسيٰ کي چيف جسٽس بڻجڻ تي تحريڪ انصاف مبارڪباد پيش

آزاد ۽ خوشحال معاشري جو بنياد سدائين عدل ۽ انصاف تي قائم هوندو آهي : ترجمان

پي ٽي آءِ جو نظريو قانون جي بالادستي، عدل ۽ انصاف جي اعليٰ ترين اصولن تي ٻڌل آهي

لاهور (م ڊ) قاضي فائز عيسيٰ کي چيف جسٽس بڻجڻ تي تحريڪ انصاف مبارڪباد پيش ڪئي آهي. پي ٽي آءِ ترجمان موجب آزاد ۽ خوشحال معاشري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پي آءِ اي جو فضائي آپريشن بحال: ناٽي واري وزير خسارو برداشت ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

نگران ناٽي واري وزير شمشاد اختر نجڪاري ڊويزن ۽ پي آءِ اي انتظاميہ کان نجڪاري پلان گهري ورتو

مالي بحران ۾ قائل قومي ايئر لائن جو ماهوار خسارو 12 ارب روپيہ تائين پهچي ويو آهي : ناٽي واري وزارت ذريعا

پي آءِ اي ڪمرشل بينڪن کان حڪومتي گارنٽي تي 260 ارب روپيہ قرض ڪنيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) ناٽي واري وزارت پي آءِ اي جي قرض تي وياج ۽ خسارو برداشت ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن تہ نگران ناٽي واري وزير شمشاد اختر نجڪاري ڊويزن ۽ پي آءِ اي انتظاميہ کان نجڪاري پلان گهري ورتو آهي. فضائي آپريشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

نگران ناٽي واري وزير شمشاد اختر (فائيل فوٽو)

مرتضيٰ وهاب پنهنجي لاءِ بم پروف گاڏي گهري ورتي

مون وٽ وڏي وزير جي اجازت سان بم پروف گاڏي هئي : مرتضيٰ وهاب

نگران گهرو وزير چيو تہ ڪيس اها گاڏي گهرجي، مان واپس ڪري ڇڏي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ مون وٽ وڏي وزير جي اجازت سان بم پروف گاڏي هئي. نگران گهرو وزير چيو تہ ڪيس اها گاڏي گهرجي. مان واپس ڪري ڇڏي. مون کي ٽريٽس آهن. نگران وڏي وزير کي بم پروف گاڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

چيف جسٽس عمر عطا بنديال آئيني مدو مڪمل ٿيڻ تي رٽائرڊ، ڪيترائي اهم فيصلا ڏنا

هن هڪ سال ۽ 7 مهينن جي دوران ڪيترائي اهم فيصلا ڪيا، ڪيترائي پيرا هو سخت تنقيد جو نشانو بہ بڻجندو رهيو

عمر عطا بنديا 2 فيبروري 2022 تي چيف جسٽس پاڪستان جو عهدو سنڀاليو ۽ سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس گهٽ هجڻ تي فوڪس ڪرڻ جو چيو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس عمر عطا بنديال پنهنجي عهدي جو آئيني مدو مڪمل ٿيڻ تي رٽائرڊ ٿي ويو آهي هن هڪ سال ۽ 7 مهينن جي دوران ڪيترائي اهم فيصلا ڪيا، ڪيترائي پيرا هو سخت تنقيد جو نشانو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

بلاول ڀٽو پٽ جيان آهي ان جي باري ۾ ڪجهہ نہ ڳالهائيندس: اسحاق ڊار

62 ون ايف بل پارليامينٽ ۽ صدر جي منظوري کان پوءِ قانون بڻجي چڪو آهي

هن قانون جي تحت نااهليت جو تائيم 5 سال آهي هن قانون سان نوازشريف ۽ جهانگيرترين سميت پين ماڻهن کي فائدو پهتو

استحڪام پاڪستان پارٽي سان اتحاد جون ڳالهيون وقت کان اڳ جون آهن

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي ناٽي واري وزير ۽ مسلم ليگ(ن) جي مرڪزي اڳواڻ سينيٽر اسحاق ڊار پ ڀ چيئرمين بلاول ڀٽو جي تنقيد تي رد عمل ۾ چيو آهي تہ بلاول ڀٽو منهنجي لاءِ پٽ جيان آهي ان لاءِ مان ڪجهہ نہ ڳالهائيندس. سپريم ڪورٽ طرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اميد تہ عدل جي ايوانن ۾ انصاف جي واپسي ٿيندي: مريم نواز

نواز شريف کي الله پاڪ ڪامياب ڪيو آهي، هاڻ پاڪستان کي ڪامياب ڪرڻو آهي

الله پاڪ هڪ پيرو پيهر نواز شريف کي "پلس" ڪيو، هر پيري مائنس ڪرڻ جي ڪوشش مائنس ٿي وئي

اميد تہ نواز شريف ۽ ان جي ساٿين کي ناانصافين مان ڇوٽڪارو ملندو : لاهور ۾ پارٽي جي مختلف ونگز جي اجلاس سان خطاب

لاهور (م ڊ) ن ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ طرفان عهدو سنڀالڻ تي ردعمل جو اظهار ڪيو آهي. لاهور/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

لاهور: ن ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز پارٽي جي مختلف ونگز جي اجلاس سان خطاب ڪري رهي آهي

ملڪ ۾ ربيع الاول جو چنڊ نظر اچي ويو، عيد ميلاد النبي صہ 29 سيپٽمبر جمعي تي ملهائي ويندي

ڪراچي (رپورٽ) ملڪ ۾ ربيع الاول جو چنڊ نظر اچي ويو، جنهن ڪانپو، عيد ميلاد النبي صہ 29 سيپٽمبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

جماعت اسلامي سميت سيني ڪراچي سان دوکو ڪيو: مصطفيٰ ڪمال

جماعت اسلامي يا تحريڪ انصاف شهر لاءِ ڪجهہ ڪيو هجي ها تہ ماڻهو ايم ڪيو ايم کي وساري ڇڏين ها

اسان بہ غلطيون ڪيون آهن پر اسان جون غلطيون پين جماعتن کان تمام گهٽ آهن

ڪراچي ۾ ڪجهہ بہ ٻرو ٿيندو آهي تہ ان جو الزام ايم ڪيو ايم تي لڳايو ويندو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم جي ڊپٽي ڪنوينر مصطفيٰ ڪمال چيو آهي تہ جماعت اسلامي سميت سيني ڪراچي سان دوکو ڪيو شاهہ فيصل ڪالوني ۾ جنرل ورڪرز اجلاس سان خطاب ڪندي مصطفيٰ ڪمال چيو تہ جماعت اسلامي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

عثمان غني کي ڀيٽا پيش، محترمہ جو سچو سپاهي هو: بلاول ڀٽو زرداري

ڪراچي: ايم ڪيو ايم جو ڊپٽي ڪنوينر مصطفيٰ ڪمال اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ب ب چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو شهيد عثمان غني جي يوم شهادت تي پيغام ۾ چيو آهي تہ شهيد عثمان غني جي 28 هين برسي تي ڪيس خراج عقيدت پيش ڪريان ٿو شهيد عثمان غني قائد عوام جو حامي ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جو سچو سپاهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پشاور ۽ فيصل آباد مان بجلي چوري ۾ ملوث 72 جڻا گرفتار

شهر ۾ 15 ڏينهن دوران بجلي چورن خلاف 262 ايف آءِ آر داخل ڪيون ويون : پوليس رپورٽ

بجلي چوري جون 269 شڪايتون مليون آهن، بجلي چوري ۾ ملوث 332 ماڻهن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پشاور ۽ فيصل آباد ۾ بجلي چوري ۾ ملوث 72 جڻن کي گرفتار ڪيو ويو پشاور پوليس جي بجلي چورن خلاف ڪارروائين جي رپورٽ سامهون اچي وئي آهي پوليس رپورٽ موجب شهر ۾ 15 ڏينهن دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

لاهور ماسٽرپلان ۾ بي ضابطگيون: پرويز الاهي آزاد ٿيڻ کان پوءِ پيهر گرفتار

اڳوڻي پنجاب جي وڏي وزير جي پيشي موقعي تي سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا

اڳوڻي پنجاب جي وڏي وزير جي جسماني ريمانڊ لاءِ جوڊيشل مئجسٽريٽ جي آڏو پيش ڪيو ويو

پرويز الاهي طرفان سندس وڪيل صدر لاهور بار رانا انتظار حسين عدالت ۾ پيش ٿيو

پنجاب جو اڳوڻو رڌو وزير پرويز الاهي عدالت ۾ ويٺل آهي

لاهور (م ڊ) لاهور ماسٽر پلان ۾ بي ضابطگين جي ڪيس ۾ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي کي آزاد ڪرڻ کان پوءِ پيهر گرفتار ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪنڊ 140 رپيا ڪلو ڏيڻ جو فيصلو

پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ ٿيندڙ اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو

حڪومت يوٽيليٽي اسٽورن ذريعي عوام کي 140 رپيا في ڪلو ڪنڊ فراهم ڪندي : ذريعا

لاهور (م ڊ) پنجاب جي نگران حڪومت صوبي ۾ عوام کي سستي ڪنڊ فراهم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اها ڪنڊ يوٽيليٽي سٽورن ذريعي وڪرو ڪئي ويندي. پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ ٿيندڙ اجلاس ۾ سستي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: برنس روڊ تي ڏوهارين جي ڦرلٽ، ڪار سوار جي فائرنگ ۾ 2 قورو مارجي ويا

جوابدارن برنس روڊ تي هڪ ڪار سوار کان ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا تہ ڪار سوار فائرنگ ڪري ڏني

هڪ جوابدار اسپتال پهچڻ کان اڳ فوت ٿي ويو، جڏهن تہ 2 جوابدارن کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو : پوليس

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علاقي برنس روڊ تي ڏوهارين جي ڦرلٽ دوران ڪار سوار جي فائرنگ دوران 2 قورو مارجي ويا آهن جڏهن تہ هڪ کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. پوليس موجب جوابدارن برنس روڊ تي هڪ ڪار سوار کان ڦر ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

اسلام آباد ۾ مارگلا هيلز وٽان دستي بمن سان پريل بيگ هٿ

بم ڊسپوزل اسڪواڊ بيگ ۾ موجود 3 دستي بم ناڪاره بڻائي ڇڏيا

بيگ مان دستي بمن کان علاوه نائن ايم ايم پستول، 50 گوليون هٿ ڪيون ويون

بم ڊسپوزل اسڪواڊ (بي ڊي ايس) دستي بم ناڪاره بڻائي ڇڏيو، پوليس بيگز ۽ سامان هٿ ڪري ورتو : پوليس

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اسلام آباد جي مارگلا هيلز ۾ ٽريل فائيو تي دستي بم ۽ هٿيارن سان پريل ٿيلهو مليو آهي. پوليس جو چوڻ آهي تہ بم ڊسپوزل اسڪواڊ بيگ ۾ موجود 3 دستي بم ناڪاره بڻائي ڇڏيا. بيگ مان دستي بمن کان علاوه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد : مارگلا هيلز ۾ پريل ٿيلهي مان هٿ آيل ٽريل فائيو تي دستي بم اهلڪار ڏيکاري رهيو آهي

محسن نقوي 5 ڏينهن جي سرڪاري دوري تي چين روانو

لاهور ايئرپورٽ تي چين جي قائم مقام قونصل جنرل محسن نقوي کي الوداع ڪيو

محسن نقوي چين ۾ واپاري برادري، سيڙپڪاري ڪمپنين جي اعليٰ عملدارن ۽ صنعتڪارن سان ملاقات ڪندو

لاهور (م ڊ) پنجاب جو نگران وڏو وزير محسن نقوي وفد سان گڏ چين جي 5 ڏينهن جي سرڪاري دوري تي روانو ٿي ويو. لاهور ايئرپورٽ تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ذوالفقار علي ڀٽو بابت بيان، ن ليگ اڳواڻ معذرت ڪري ڇڏي

جيڪڏهن منهنجي بيان سان ڪنهن جي دل آزاري ٿي آهي تہ معذرت ڪيان ٿو: حنيف عباسي

ذوالفقار علي ڀٽو هڪ عظيم اڳواڻ هو، جنهن ايٽمي پروگرام جو بنياد رکيو

لاهور (م ڊ) ن ليگ اڳواڻ حنيف عباسي پ ب جي باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو بابت گذريل ڏينهن جي بيان تي معذرت ڪري ورتي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پاڪستاني نوجوان جي 70 سالن جي ڪينيڊين عورت سان شادي

تعيم مون سان وفادار آهي: زال جو بيان

مون کي تعيم جون عادتون گهڻيون پسند آهن

ڪينيڊين عورت سان شادي ڪندڙ نوجوان تعيم

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان آسان کي ۾ ڪيترين ئي اهڙيون شاديون ڏسن ۾ آيون آهن جن ۾ ڪڏهن سرحد پار پارٽ کان چوري پاڪستان اچي وئي تہ ڪو پاڪستان کان پارٽ هليو ويو. ان ڪانسواءِ گذريل ڏينهن ۾ عمر جي فرق کي وساري شاديون ڪندڙ جوڙا بہ سامهون آيا. هاڻي تازو ئي تہ اهڙو ئي جي شادي منجهائي وڏو آهي تہ جنهن ۾ 34 ورهين جي تعيم شهزاد جيڪا پاڪستان جي شهر گجرات سان واسطو رکي ٿي. ان جي شادي 6 سال اڳ 70 کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پاڪستان ۽ افغانستان دنيا ۾ صحافين لاءِ خطرناڪ ملڪ آهن: ڊاڪٽر جبار خٽڪ

جان محمد جو قتل خاندان جو نہ سيني صحافين جو ڪيس آهي

اسان رڳو سوڳ ڪرڻ بدران نتيجا ڏيڻ واري جدوجهد ڪيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جرنلسٽ ڪائونسل پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن ۽ سهولتڪارن جي گرفتاري لاءِ اڄ سومر کان ڪراچي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

دوائن جي ڪوٽ جي شڪايت لاءِ ايپ متعارف

ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي آف پاڪستان "ڊريپ" سڄي ملڪ ۾ متعارف ڪرائي ڇڏي

ڊرگ شارٽيج رپورٽنگ نالي سان متعارف ڪرايل ايپ کي انتهائي سادو رکيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي آف پاڪستان "ڊريپ" سڄي ملڪ ۾ دوائن جي ڪوٽ ۽ تہ ملڻ جي شڪايت لاءِ پهريون پيرو موبائل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پيٽرول مهانگو ٿيندي ئي پبلڪ ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن ۾ واڌ

پيٽروليم شين جي اڳهن ۾ بہ پيرا واڌ عوام جون رڙيون ڪڍي ڇڏيون

پبلڪ ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن ۾ واڌ عوام جي پريشاني وڌائي ڇڏي

ڪراچي (م ڊ) پيٽروليم شين جي اڳهن ۾ واڌ ٿيندي ئي پبلڪ ۽ گڊز ٽرانسپورٽ بہ ڀاڙن ۾ واڌ ڪري ڇڏي. هڪ مهيني دوران پيٽروليم شين جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پارٽ دفاعي چيمپين سريلنڪا کي هوم گراؤنڊ تي عبرتناڪ شڪست ڏئي اٿن پيرو ايشيا ڪپ جو فاتح بڻجي ويو

ايشيا ڪپ جي فائنل ۾ پارٽ سريلنڪا کي صرف 51 رنسن جو هدف آساني سان 6.1 اوورز ۾ حاصل ڪري ورتو

پارٽ 10 رڪيٽن تان ميچ کٽي ايشين چيمپين بڻجي ويو، پارٽ طرفان شبمن گل 27 ۽ ايشان ڪشن 23 رنسون ناهي ناقابل شڪست رهيا

فائنل ۾ سريلنڪا جي بيٽنگ برسات سبب ڊيرسان شروع ٿي ميچ شروع ٿيندي ئي سريلنڪا جا راڊيگر هڪ ٻئي پڻيان آئوٽ ٿيندا ويا

ڪولمبو (م ڊ) پارٽ دفاعي چيمپين سريلنڪا کي ايشيا ڪپ جي فائنل ۾ هڪ طرفي مقابلي ۾ شڪست ڏئي رڪارڊ اٺين پيرو ايشيا ڪپ پنهنجي نالي ڪري ورتو آهي. ايشيا ڪپ جي فائنل ۾ سريلنڪا کي صرف 51 رنسن جو هدف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪنري ۾ تيز هوا سان برسات جو سلسلو شروع، آبادگارن ۽ هارين جا چهرا ٻهڪي پيا

ڪولمبو: پارٽي راڊيگر راند دوران هڪ ٻئي سان صلاح مشورو ڪري رهيا آهن

ڪنري (رپورٽر) ڪنري جي مختلف علاقن ۾ تيز هوا سان برسات جو سلسلو شروع ٿي ويو. جڏهن تہ موسم خوشگوار بڻجي وئي. ڪنري شهر ۽ آسپاس جي علاقن ٻستان، ٽوپان شاخ، پڪو موڙ، ڏڙيلو، ناصرآباد، حاجي هوٽل، پڌريوفارم ۽ ٻين علاقن ۾ ڪئي تيز تہ ڪئي هلڪي برسات پئي. برسات پوڻ بعد گرمي جو زور ٽٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ سان جاڙن شهرن ۾ عام واهپي جون شيون مهانگيون ٿي ويون

جاڙن شهرن راولپنڊي ۽ اسلام آباد ۾ عام واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ رڪارڊ اضافو ٿي ويو

بصر 85 کان 110 روپيہ ڪلو، ٽماٽا 90 کان 100 روپيہ في ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳا

انگور 357 روپيہ ڪلو، صوف 220 کان 350 روپيہ ۽ گولبن صوف 150 کان 200 روپيہ ڪلو وڪرو جاري

اسلام آباد/راولپنڊي (م ڊ) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ رڪارڊ واڌ ٿيندي ئي ان جا اثر عام واهپي جي شين تي ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن. جاڙن شهرن راولپنڊي ۽ اسلام آباد ۾ عام واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ رڪارڊ اضافو ٿي ويو آهي. اوپن مارڪيٽ ۾ ٽماٽا 82 کان 106 روپيہ في ڪلو ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: ٻہ ڏينهن اڳ گم ٿيل گهريلو ملازمہ آزاد، جوابدار گرفتار

وڃيا نالي 13 ورهين جي ڇوڪري ڪراچي جي علاقي ڊفينس فيز 3 ۾ هڪ گهر ۾ گهريلو ملازمہ طور ڪم ڪندي هئي

ڇوڪريءَ جي ماءُ 15 تي پوليس کي گمشدگي جو اطلاع ڏنو، جنهن تي پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري ڇوڪريءَ جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي

سي ٽي وي فوٽيجز ۽ ٽيڪنيڪل ذريعن جو استعمال ڪندي وڃيا کي آزاد ڪري اغوا ۾ ملوث جوابدار شايان پٽ اعجاز کي گرفتار ڪيو ويو آهي : پوليس

ڪراچي (م ڊ) ڊفينس پوليس سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان ڪارروائي ڪري ٻہ ڏينهن اڳ گم ٿيندڙ 13 ورهين جي ڇوڪري آزاد ڪرائي ورتي ۽ واقعي ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو. وڃيا نالي 13 ورهين جي ڇوڪري ڪراچي جي علاقي ڊفينس فيز 3 ۾ هڪ گهر ۾ گهريلو ملازمہ طور ڪم ڪندي هئي، جيڪا ٻہ ڏينهن اڳ گهر مان ڪم تي وڃڻ لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پارٽ ۾ شيڊيول ون ڊي ورلڊ ڪپ لاءِ پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي اسڪواڊ تي مشاورت مڪمل ٿي وئي

ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

لاهور (م ڊ) پارٽ ۾ شيڊيول ون ڊي ورلڊ ڪپ لاءِ پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي اسڪواڊ تي مشاورت مڪمل ٿي وئي. ذريعن موجب ڪپتان بابر اعظم ۽ سليڪشن ڪميٽي شروعاتي مشاورت مڪمل ڪري ورتي آهي. جنهن ۾ فٽنيس مسئلن سبب متبادل نالن تي غور ٿيو. ذريعن جو چوڻ آهي تہ ايشيا ڪپ جي اسڪواڊ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پنجاب ۾ 24 ڪلاڪن دوران ڊينگي جا وڌيڪ 101 ڪيس ظاهر

راولپنڊي ۾ 39، لاهور ۾ 31، ملتان ۾ 12 ۽ گوجرانوالا ۾ 11 ڊينگي جا ڪيس سامهون آيا

رڳو راولپنڊي ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران وڌيڪ 45 ڊينگي وائرس جي ڪيسن جي تصديق ٿي آهي

او پيز جي پڇڙي تي وڌيڪ 51 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ۽ هڪ عمارت کي سيل ڪيو ويو آهي : ضلعي انتظاميہ

لاهور (م ڊ) پنجاب صوبي ۾ 24 ڪلاڪن دوران ڊينگي جا وڌيڪ 101 ڪيس سامهون آيا آهن. صحت کاتي موجب راولپنڊي ۾ 39، لاهور ۾ 31، ملتان ۾ 12 ۽ گوجرانوالا ۾ 11 ڊينگي جا ڪيس سامهون آيا آهن. صحت کاتي جو چوڻ آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪنڊڪوٽ ۾ جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ واري عمل خلاف احتجاج

مسعود عالم سومرو، پير بخش بنگوار، دليپ ڪمار ٺاڪر، بقا محمد بنگوار پاران شرڪت

جاويد ملڪ، وقار اعوان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري انصاف ۽ سندس جي وارثن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ڪنڊڪوٽ (غالب بلوچ) شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ واري عمل خلاف پي - ايف - يو جي - جي سڌ تي ڪنڊڪوٽ ۾ ڪشمور ڪنڊڪوٽ يونين آف جرنلسٽس ۽ ڪنڊڪوٽ پريس ڪلب پاران صدر علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪنڊڪوٽ : جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ واري عمل خلاف احتجاج ڪيو ويو

نئون ڪوٽ پرسان لائيو اسٽاڪ ڪاٽي پاران ڪلوئي جي مختلف ڳوٺن ۾ ويڪسين

نئون ڪوٽ (رپورٽ) نئون ڪوٽ پرسان لائيو اسٽاڪ ڪاٽي پاران ڪلوئي جي مختلف ڳوٺن ۾ جويائي مال کي مختلف بيمارين کان بچاءُ جا مفت حفاظتي ٽڪا ۽ بيمار جانورن جو علاج ڪيو. ان حوالي سان وٽرنري موبائيل سروس تعلقي ڪلوئي جي انچارج ڊاڪٽر محمد آصف قائم خاني ٻڌايو ته مرن پنهنجي ٽيم سان گڏجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

هلال احمر نئي طرفان جشن عيدميلادالنبي صلعم جي مناسبت سان مفت ميڊيڪل ڪئمپ

ڪئمپ هلال احمر پاڪستان نئي جي اڳواڻ محمد حنيف ميمڻ جي نگراني ۾ لڳائي ويئي

ماهر ڊاڪٽرن مختلف بيمارين ۾ ورتل 300 سئو مريضن جو مفت چيڪ اپ ڪري ڪين دوائون ڏنيون ويون

نئو(جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان ريڊ ڪريسنٽ نئو پاران عيد ميلادالنبي صلي الله عليه وآله وسلم جي سلسلي ۾ ڳوٺ حسين بروهي ۾ هڪ ڏينهن واري امدادي طبي ڪيمپ لڳائي وئي. نئي ۾ مليريا، ڊينگي ۽ جلد جي موذي مرضن جي علاج ۽ بچاءُ لاءِ پاڪستان ريڊ ڪريسنٽ نئو جي چيئرمين حاجي محمد حنيف ميمڻ پاران ميونسپل ڪميٽي نئي جي ڪائونسلر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

"شهيد جان محمد جا قاتل گرفتار ڪريو" شڪارپور ۾ يونين آف جرنلسٽس پاران احتجاج

قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف شڪارپور پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

صحافي جان محمد مهر جو قتل صحافي برادري لاءِ تشويشناڪ آهي: مظاهرين جون ميڊيا سان ڳالهيون

احتجاج ۾ حڪيم جتوئي، عبدالخالق سومرو، فياض سومرو، عديل علوي، غلام قادر ۽ ٻيا صحافي موجود هئا

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شهيد جان محمد جا قاتل گرفتار ڪريو ، شڪارپور يونين آف جرنلسٽس پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف شڪارپور پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ۽ علامتي بک هڙتال ڪئي وئي. جنهن جي اڳواڻي شڪارپور يونين آف جرنلسٽس جي صدر آغا اسرار پٺاڻ ڪئي. ان موقعي تي شڪارپور يونين آف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

شڪارپور: "شهيد جان محمد جا قاتل گرفتار ڪريو" شڪارپور ۾ يونين آف جرنلسٽس پاران احتجاج ڪيو ويو

نئون ديرو جي صحافي اصغر عباسي جي گهر مان چور پيو پيرو چوري ڪري ويا

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٽو) صحافي جي گهر مان پيو پيرو چوري واردات نئون ديرو جي صحافي اصغر عباسي جي گهر مان نامعلوم چور پيو پيرو چوري ڪري فرار. چور گهر مان 5 سولر پليٽون، يو پي ايس، بيٽري ۽ 2 سلائي مشينون چوري ڪري فرار. چوري واقعي جو اطلاع نئون ديرو ٿاني جي پوليس کي ڏنو ويو پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

بدين ۾ مهانگائي ۽ بجلي جي ڳرن بلن ۽ لوڊ شيڊنگ خلاف شهري رستن تي نڪري آيا

مختلف علائقن اتفاق ڪالوني چانديا نگر الاوالا چوڪ جي سوين رهواسين احتجاجي مظاهرو ڪيو

مظاهرين پاران حيسڪو جي ڊاڊاين جي خلاف حيسڪو آفيس سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

ماڻهن جي قوت خريد کان ٻاهر آهن مٿان بجلي مهانگي ڪري عوام جي صبر کي ختم ڪيو ويو آهي: مظاهرين

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ۾ مهانگائي ۽ بجلي جي ڳرن بلن ۽ لوڊ شيڊنگ جي خلاف شهري رستن تي نڪري آيا بدين حيدرآباد روڊ تي ٽرالر پوليس سان چڪريون تفصيل موجب بدين شهر جي مختلف علائقن اتفاق ڪالوني چانديا نگر الاوالا چوڪ جي سوين رهواسين بدترين مهانگائي بجلي جي موٽمار بلن ۽ حيسڪو جي ڊاڊاين جي خلاف حيسڪو آفيس سامهون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

دڙو ۾ ڏينهن ڏني 12 لک روپيا قرض واقعي جي متاثرن جي نگران گهرو وزير سان ملاقات

هٿياربندن پاران ڳوٺ حسين پور جي ڳوٺاڻي فقيرالهڏنو گگي کان 12 لک روپيا قرض ڪيا ويا هئا

واقعي ۾ ظاهر ٿيل جوابدار گرفتار نه ٿيڻ ۽ قرجي رقم برآمد نه ٿيڻ خلاف غريب ڳوٺاڻي احتجاج ڪيو

رقم ميرپوربٽورو پوليس جي بالا آفيسر گرفتار جوابدارن کي آزاد ڪري رقم مبينا طور هڙپ ڪري ڇڏي: الزام

دڙو (ن سنڌ يار) دڙو ۾ ڏينهن ڏني 12 لک روپيا قرض واقعي جي متاثرن جي سنڌ جي نگران گهرو وزير رٽائرڊ برگيڊيئر حارث نواز سان ملاقات. ايس ايس پي سجاول ميڊم شهلا قريشي پڻ موجود. تفصيل موجب دڙو ۾ مهينو ڪن اڳ هٿياربندن هٿان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دڙو: نگران گهرو وزير حارث نواز ۽ ايس ايس پي سجاول سان متاثر ملاقات ڪندي

ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن تي ذخيره اندوزن خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري

گهوٽڪي (رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي آغا شير زمان جي هدايت تي ذخيره اندوزن خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري. اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي امتياز محسن جا قادرپور جي مختلف گودامن ۽ گهوٽڪي جي پيٽرول پمپن تي ڇاپا. غيرقانوني طور ذخيرو ڪيل مختلف قسم جي پاڻ جون 22 سئو پريين سميت ڪڻڪ جون 5 سئو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

جماعت اصلاح المسلمين جي زيراهتمام استقبال ربيع الاول جي تقريب

نبي ڪريم صه جي تعليمات پوري ڪائنات جي لاءِ هدايت جو سرچشمو آهي: اڳواڻ

زندگي جي هر شعبي ۾ جيئڻ جو درس ڏنو ته جيئن انسانيت راحت جو ساهه کڻي سگهي

خليفي حسيب احمد راهوجو، مشرف محمود قادري، نور احمد قاسمي، ڊاڪٽر سعيد اعوان شريڪ

سڪر (بيورو رپورٽ) جماعت اصلاح المسلمين ضلعي سڪر جي زير اهتمام جامع مصطفائي مسجد سڪر ۾ استقبال ربيع الاول ۽ امام رباني مجددي منورالف ثاني رحمت الله عليه ۽ امام شاهه احمد رضا خان بريلوي جي عرس مبارڪ جي جلسي کي ممتاز مذهبي اسڪالر مفتي محمد ابراهيم قادري پنهنجي خطاب ۾ چيو ته نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي تعليمات پوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو ۾ موجود ڏوهاري هٿيار ڦٽا ڪري پنهنجون گرفتاريون پيش ڪن: شبير احمد سيٺار

ڏوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو ويو آهي ڪنهن به ڏوهاري کي بخش نه ڪيو ويندو

ڏوهارين لاءِ عام پيغام آهي ته هو هٿيار ڦٽا ڪري پنهنجون گرفتاريون پيش ڪن يا ضلعو ڇڏي وڃن

صحافين کي ڌمڪيون ڏيندڙ بليڪ ميلر ٽولي کي بخش نه ڪيو ويندو انهن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو ويندو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي عوام کي امن و امان جي خوشخبري ڏيندا سين ڪچي ۽ ڪاڇي جي علائقن سميت دادو جي شهري آبادي ۾ قائم ٿيل ٽائن تي سنا پوليس آفيسر مقرر ڪيا پيا وڃن جيڪي امن امان جي صورتحال تي ضابطو آئيندا اهڙن خيالن جو اظهار دادو ۾ مقرر ٿيل نئين ايس ايس پي شبير احمد سيٺار دادو پريس ڪلب ۾ صحافين پاران ڏنل چانهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دادو: شبير احمد سيٺار سيمينار کي خطاب ڪندي

پينشن جي مد ۾ 2 ڪروڙ ملازمن جا رهيل هئا، 56 لک ادائگي ڪئي: سيد محمد شاه

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ضلع ڪائونسل جي چيئرمين سيد محمد شاه دادو ضلع ڪائونسل ۽ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته حلف کڻي 2 مهينا ٿيا آهن جنهن دوران پينشن جي مد ۾ 2 ڪروڙ ملازمن جا رهيل هئا اڄڻ شرط پيشنر کي 56 لک ادائگي ڪئي ۽ 2 مهينن دوران (60) سيڪڙو ادائگي ڪئي آهي. بجلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

غلام الله ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ رولوچٽن ڪتن جو آزار وڌي ويو، ڪيترائي ماڻهو ورچڙهي ويا

ڳوٺ چتو ڪهيو ۾ ڪتن چارجٽن رحيم بخش جي گهرواري ۽ 2 ڳوٺاڻن کي ڏاڙهي زخمي ڪيو

هڪ زخمي عورت حسين جي ڏيءَ کي ڪراچي نيو ويو آهي جنهن جي حالت نازڪ ٻڌائي پئي وڃي

شڪايت ڊي سي نئو ۽ ٻين اعلا اختيارين کي ڏنيون آهن پر ڪو به نوٽيس نه ورتو ويو آهي: علائقي واسي

نئو(جاويد لطيف ميمڻ) غلام الله ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ رولو ۽ چتن ڪتن جو آزار وڌي ويو آهي ڪيترائي ماڻهو رولوچتن ڪتن جي ور چڙهي ڏاڙهجي ويا آهن ان سلسي ۾ غلام الله لڳ ڳوٺ چتو ڪهيو ۾ رولوچتن ڪتن چار جٽن رحيم بخش جي گهرواري ـ حسين ڪهيو جي نياڻي سميت 2 ڳوٺاڻن کي ڏاڙهي زخمي ڪري چڏيو جن کي علاج جي لاءِ سول اسپتال مڪلي نيو ويو جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

پيپلزپارٽي جي 15 سالا رڪارڊ ڪرپشن، مهانگائي سبب محرابپور ۾ چورين عام

بک بيروزگاري سبب ٻارڙا به چوري ڪرڻ تي مجبور ٿي پيا ، ٻارڙو چوري ڪندي پڪڙجي پيو

ڪجهه مدد ڪرڻ بجاءِ سندس هٿ ٻڌي وڏيڪ تذليل لاءِ سندس ڦوٽو سوشل ميڊيا تي وائرل ڪيو

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) پيپلزپارٽي جي 15 سالا رڪارڊ ڪرپشن، مهانگائي، بک بيروزگاري سبب هاڻ ٻارڙا به چوري ڪرڻ تي مجبور ٿي پيا آهن. اهڙو ئي هڪ ڏکوئڻ واقعو محرابپور ۾ پڻ پيش آيو آهي. محرابپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ملڪ ۾ مهانگائي ۽ بدامني خلاف جي يو آئي يونٽ فاروق اعظم پاران احتجاج

امير مولوي عبدالرحمان ڏنگراڻ محمد اڪرم پيرزادو ۽ ڊاڪٽر قمر پنهور پاران ريلي

مهانگائي جو طوفان اڃي ويو مهانگائي سبب ماڻهو جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي: اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ بدامني خلاف جي يو آئي يونٽ فاروق اعظم ڳوٺ وڏا ڏنگراڻ کان ريلي ڪڍي الله واري چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي جي يو آئي ضلعي نوشهروفيروز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: ملڪ ۾ مهانگائي ۽ بدامني خلاف جي يو آئي يونٽ فاروق اعظم پاران احتجاج ڪيو ويو

ملير لنڪ روڊ تي ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، هڪ جڻو فوت

گهگهر لڳ لنڪ روڊ تي ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر رزاق مگسي زخمي ٿيو

فوت ٿي ويل شخص کي ايمبولنس ذريعي حناح اسپتال منتقل ڪيو ويو، ڪيس داخل نه ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) ملير لنڪ روڊ تي ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر هڪ جڻو فوت جڏهن ته هڪ زخمي زخمي ۽ فوت ٿي ويل شخص کي ايمبولنس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سنڌ جي مفادن خلاف ڪابه سٺوڊي بازي نه ٿيندي: راشد محمود سومرو

سنڌ خلاف ٿيندڙ ڪنهن به سازش جو مڙس ٿي مقابلو ڪيو آهي ۽ ڪنڊاسين

حڪومت کي گهرجي ته آئين جي اصولن جي پاسداري ڪندي جلد از جلد چونڊون ڪرائي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور سنڌ جي مفادن خلاف ڪابه سٺوڊي بازي نه ٿيندي سنڌ خلاف ٿيندڙ ڪنهن به سازش جو مڙس ٿي مقابلو ڪيو آهي ۽ ڪنڊاسين آءِ ڪنڊاسين عمران نيازي پنهنجي چئن سالن جي حڪومت ۾ هن ملڪ کي تباهي جي ڪناري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺاروشاهه ۾ پيرسن بيواهه عورت جو پٽ جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو

ميمڻ محلا واسي بيواهه عورت زاهده ميمڻ پريس ڪلب ٺاروشاهه پهچي دانهيندي مظاهرو ڪيو

فوري طور پٽ کي آزاد ڪري انصاف ڪيو وڃي نه ته پي صورت ۾ پاڻ کي ساڙيندس: زاهده ميمڻ

ٺاروشاهه (رپورٽر) ٺاروشاهه ۾ پيرسن بيواهه عورت جو پٽ جي گرفتاري خلاف احتجاج عورت روئي روئي بيحال ٿي وئي انصاف جو مطالبو. ٺاروشاهه ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺاروشاهه ۾ پيرسن بيواهه عورت جو پٽ جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

ٽنڊو محمد خان ۾ جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي اميدوارن پاران احتجاجي مظاهرو

سيٽون ظاهر نه ڪرڻ خلاف افتتاح چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي

آزاد ٽالپر، ياسر شر، فيصل ميمڻ، حفيظ سنڌي، ڪامران راجپوت، اويس ٽالپر جمشيد شريڪ ٿيا

ٽنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ جي ايس ٽي ، پي ايس ٽي ڊيرائيوڊ ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران پرتين تي بنا جواز بندش ، ايس اين اي منظور نه ڪرڻ ۽ سيٽون ظاهر نه ڪرڻ خلاف افتتاح چوڪ کان پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سولنگي برادري جي معزز شخصيت مولوي عبدالواحد قاسمي پ پ پ ۾ شامل

ميونسپل ڪميٽي مورو جي چيئرمين نظير احمد ميمڻ جي ڪوشش سان شموليت

ضياءُ الحسن لنجار سان ملاقات ڪري مٿس اعتماد ڪندي شموليت جو اعلان ڪيو ويو

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ميونسپل ڪميٽي مورو جي چيئرمين ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌي مورو جي صدر نظير احمد ميمڻ جي پريور ڪوشش سان مورو جي تاليواري مذهبي اڳواڻ ۽ سولنگي برادري جي معزز شخصيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

خانپور جي ڪچي ۾ ايس ايس پي جي نگراني ۾ آپريشن جاري

ڳوٺ عالم خان جتوئي جي رهائشي ڏوهارين جي گهرن تي ڇاپا هنيا ويا

خانپور جي انڊس هاءِ وي کي ڏوهارين کان پاڪ ڪرڻ آسان جو پهريون فرض آهي: عملدار

خانپور (عتيق ابڙو) خانپور ويجهو رستم ٽائي جي حد ۾ ايس ايس پي شڪارپور خالد مصطفي ڪورائي جي اڳواڻي ۾ مختلف ٽائن جي ڳوٺ عالم خان جتوئي ۽ ۾ اشتهاري ڏوهارين جي گهرن تي چڙهائي گرفتاري لاءِ ڇاپا ۽ سرچ آپريشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهرو فيروز ۾ حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوان کي سوين آلين اکين سان مٽي ۽ ماءُ حوالي

حيدرآباد ۾ موٽر سائيڪل تي ٽرڪ جي ٽڪر ۾ حادثي ۾ نوجوان حسني محمد فوت ٿيو هو

دردناڪ ماحول ۾ سائين اسماعيل شاه قبرستان نوشهرو فيروز ۾ مٽي ۽ ماءُ حوالي ڪيو ويو

نوشهرو فيروز (ڊر) حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوان کي سوين آلين اکين سان مٽي ۽ ماءُ حوالي ڪيو ويو رپورٽ موجب نوشهرو فيروز جي نوجوان حسني، محمد حسنين ميمڻ جنهن جو آجر واري رات حيدرآباد ۾ موٽر سائيڪل تي ٽرڪ جي ٽڪر ۾ نهايت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

خيرپور پرسان پيرلو ۽ جي صحافي حيدر مستوئي سان گهر پاتين جي لاڏاڻي تي تعزيت

پريس ڪلب خيرپور جي اڳواڻي صدر غلام قادر سومرو ۽ ٻين پهچي صحافي سان ڏک وڻڊيو

جنرل سيڪريٽري ثناءُ الله ميمڻ، خزانچي شاهد نواز سيال، امتياز قلهرتو ۽ ٻين تعزيت جو اظهار ڪيو

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) ، گهوٽڪي يونين آف جرنلسٽس جي جنرل سيڪريٽري تاج محمد ٽانوري جي ضلعي هيڊڪوارٽر شهر ميرپور ماٿيلو ۾ ڊي ايچ ڪيو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو. صحافين بابر مهر، حاڪم خان ابڙو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خيرپور : پيرلو جي صحافي حيدر مستوئي سان گهر پاتين جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي

عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ ضلعي نئي طرفان سنڌ جي زمينن تي قبضن خلاف احتجاج

رياستي سردارن جي سرپرستي ۾ قائم ٿيل ڏاڙيل راج ۽ غيرقانوني ڊجيٽل آدمشماري خلاف ريلي

عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻن لال جروار، سلمي لاشاري، نوراحمد ڪاتيار گشت ڪيو

سازش تحت سنڌ جو گهيراءُ ڪيو ويو آهي، جهمپير، ڪينجهر، ڪوهستان، هاليجي تي قبضا ڪيا ويا: اڳواڻ

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ جي زمينن تي قبضي، سنڌ جي وسيلن جي نيلامي، مهانگائي، ڪوڙي آدمشماري، رياستي سرپرستي ۾ هلندڙ ڏاڙيل راج ۽ سنڌ جي پاڻي جي قرلٽ خلاف عوامي تحريڪ جي سڌ تي مڪلي پبلڪ پارڪ کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دڙو لڳ رٽا سومرو ۾ ايس ٽي پي پاران تنظيم سازي ۽ پرچم ڪشائي تقريب

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو لڳ رٽا سومرو ۾ ايس ٽي پي پاران تنظيم سازي، پرچم ڪشائي تقريب، ضلعي اڳواڻن سميت علائقائي واسين جي وڏي اڻگ ۾ شرڪت. ايس ٽي پي چئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي جي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اعلان. تفصيل موجب دڙو لڳ رٽا سومرو اسٽاپ تي ايس ٽي پي جي سينئير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽو: عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ ضلعي نئي طرفان سنڌ جي زمينن تي قبضن خلاف احتجاج ڪيو

شڪارپور ۾ آئي بي اي ٽيسٽ پاس ويٽنگ جي موجود اميدوارن جو احتجاجي مظاهرو

حافظ ساجد شيخ، سالڪ سومرو، عبدالحليم سومرو، اظهر علي مهر احتجاجي مظاهرو ڪيو

پرتين واري عمل کي جلد بيهر شروع ڪري ويٽنگ اميدوارن مان مايوسي ختم ڪئي وڃي: مطالبو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) آئي بي اي ٽيسٽ پاس ويٽنگ جي موجود اميدوارن جو احتجاج، خبر موجب: آئي بي اي ٽيسٽ پاس ريٽنگ جي موجود ضلع شڪارپور جي اميدوارن حافظ ساجد شيخ، سالڪ سومرو، عبدالحليم سومرو، اظهر علي مهر ۽ محمد حسن ڏيپر جي اڳواڻي ۾ ڪيترن ٻي اميدوارن پاران شڪارپور پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ، انهيءَ مرڪمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

جهڏو ۾ پريا ڪماري سميت اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ پاڪستان ڪولهي اتحاد طرفان احتجاج

لالچند ڪولهي، پهلاج ڪولهي، ڊاڪٽر پنهون ڪولهي، نيم داس ڪولهي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

سنڌ کي حڪمرانن توڙي پوليس جي نااهلي اغوا انڊسٽري ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين جون ميڊيا سان ڳالهيون

مهانگائي سبب بکون ڪاٽي رهيو آهي پر حڪمران آئي ايم ايف جي فرمائش تي ملڪي عوام مٿان ظلم ڪري رهيا آهن

جهڏو: (ممتاز جوڻيجو) جهڏو ۾ پريا ڪماري سميت سنڌ مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي ۽ ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف پاڪستان ڪولهي اتحاد طرفان لالچند ڪولهي، پهلاج ڪولهي، ڊاڪٽر پنهون ڪولهي، نيم داس ڪولهي، پارمل ڪولهي، گيانچند ڪولهي ،عالمچند ڪولهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جهڏو ٻائي پاس ڪان احتجاجي ريلي ڪڍي ٽائون ڪميٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

تعليم ڪانسواءِ ترقي ناممڪن آهي ان لاءِ استادن کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو: احمد منصوري

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) تعليم ڪانسواءِ ترقي ناممڪن آهي ان لاءِ استادن کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو اهڙو خيالن جو اظهار تنظيم استاد پاڪستان جي سيڪريٽري جنرل پروفيسر رئيس احمد منصوري بدين ۾ تنظيم طرفان منعقد ڪيل ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته ٻارڙن جي تعليم جي لاءِ انهن جي بهتر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

جهڏو ۾ پريا ڪماري سميت اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ پاڪستان ڪولهي اتحاد طرفان احتجاج ڪيو ويو

قانون جا شاگرهن پيشي ۾ فاتح بنجڻ، بهتر ڪيريئر جا موقع ملن ٿا: نياز احمد

هن شعبي ۾ گهڻي ڪان گهٽ نوجوان شامل ٿي رهيا آهن ان ڪري سيمينار ڪرايون پيا

صلاحيت تجزياتي مهارت سنجيدگي جي حامل نوجوانن لاءِ قانون جو شعبو انتهائي مناسب آهي

مئجسٽريٽ سول جج ايڊيشنل سيشن جج سرڪاري وڪيل ڪارپوريٽ وڪيل بنجي سگهن ٿا

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) آل پاڪستان لا ايسوسيئشن جي طرفان بدين ۾ نوجوان وڪيلن جي ذهني تربيت لاءِ ڪوئايل سيمينار کي خطاب ڪندي وڪيل اڳواڻ نياز احمد راهوڪڙو چيو ته قانون جي شاگردن کي هن پيشي ۾ فاتح بنجڻ بهتر ڪيريئر جا موقع ملن ٿا ان ڪري هن شعبي ۾ گهڻي ڪان گهٽ نوجوان شامل ٿي رهيا آهن ان ڪري وڪيلن جي تنظيم اهلا نوجوانن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

رتيديري ۾ ٻارن پاران پهريون پيرو "لطيف جو ڏهاڙو" ملهايو ويو، معصوم پيتائون پيش

حسنين عباس، ثقلين عباس، ضامن علي، سراج احمد ۽ ٻين ٻارن شاهه لطيف جا بيت ٻڌايا

پٽائي جي عرس جي حوالي سان رتوديرو ۾ ٻارن پاران پهريون پيرو "لطيف جو ڏهاڙو" ملهايو ويو

پٽائي عظيم ۽ مفڪر شاعر آهي جنهن جي شاعري ۾ مسلسل جاکوڙ ۽ جدوجهد جو درس ملي ٿو

نئون ديرو (رپورٽ: شاد محمود پٽو) رتيديري ۾ ٻارن پاران پهريون پيرو "لطيف جو ڏهاڙو" ملهايو ويو: محبت پريون معصوم پيتائون پيش ٻالڪ سنگت پاران "العباس ادبي منزل" تي خوبصورت تقريب منعقد: وڏي تعداد ۾ ٻارن جي شرڪت تقريب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بلڙي شاه ڪريم جي ڳوٺ جنهاڻ سومرو جي رهواسڻ پاران احتجاجي مظاهرو

تنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) بلڙي شاه ڪريم جي ڳوٺ جنهاڻ سومرو جي رهواسڻ مسمات اميران بيواهه شاه ولي شاه پاڻ خلاف صحافين آڏو دانهيندي چيو آهي ته منهنجو تنڊو پٽ عبدالواحد شاه تنڊو محمد خان ڪورٽ مان تاريخ ڏئي ڪورٽ مان ٻاهر نڪرڻ بعد گم ٿي ويو آهي . اسان کي شڪ آهي ته منهنجي پٽ کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

رتيديري : پاران پهريون پيرو "لطيف جو ڏهاڙو" ملهايو ويو، معصوم پيتائون پيش ڪئي وئي

سڪر ۾ بااثر پاران مبينا ڪارنهن جرڳو، 3 نياڻيون سگ چٽي ۾ ڏيڻ جي فتوي

ڳوٺ نهال خان ڪوسو واسڻ شهربانو زال اڪبر ڪوسو معصوم نياڻين سان گڏ احتجاج ڪيو

جوابدار 2 آگسٽ تي جوابدار گهر ۾ گهڙي نياڻي نادية کي اغوا ڪري چوپايو مال به ڪاهي ويا: عورت

سڪر (بيورو رپورٽ) سڪر ۾ بااثر پاران مبينا ڪارنهن جرڳو تي نياڻيون سگ چٽي ۾ ڏيڻ جي فتوي، زبردستي نڪاح ڪرائڻ بعد هڪ نياڻي کي اغوا ڪري رڄڻ جو الزام. متاثر عورت جو سگ چٽي ۾ ڏنل بن نياڻين سان گڏ احتجاج تفصيل موجب سڪر جي سائيٽ ايريا ٿاني جي حد گڏ نهال خان ڪوسو واسڻ شهربانو زال اڪبر ڪوسو معصوم نياڻين سان گڏ احتجاج ڪندي الزام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سجاول ۾ به ميڊيڪل انٽري ٽيسٽ ليڪ ٿيڻ خلاف شاگردن ۽ والدين پاران احتجاجي مظاهرو

جناح ميڊيڪل ڪاليج طرفان ميڊيڪل جي داخلا لاءِ ورتل انٽري ٽيسٽ جو پيپر ليڪ ٿيڻ خلاف ريلي

حسين آزاد ميمڻ، غلام محمد ڪٽي، خالد ڪٽي، عاشق علي جماري، سلطان ڪوسو ۽ ٻين مظاهرو ڪيو

پرچو لکين روپين رشوت عيوض وڪرو ڪري سالن جا سال محنت ڪندڙ شاگردن جي ميرٽ جي لتاڙ ڪئي ويندي

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سجي سنڌ جيان سجاول ۾ به ميڊيڪل انٽري ٽيسٽ ليڪ ٿيڻ خلاف شاگردن، والدين ۽ استادن پاران ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ڪجه ڏينهن اڳ جناح ميڊيڪل ڪاليج طرفان ميڊيڪل جي داخلا لاءِ ورتل انٽري ٽيسٽ جو پيپر ليڪ ٿيڻ خلاف شاگردن، والدين ۽ استادن پاران مامو لاڏو چوڪ کان پبلڪ پارڪ تائين ريلي ڪڍي احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو ۾ واپاري غلام رسول ڪوڪر جي تي ڪڻڪ ذخيرو ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڪيس داخل

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ اناج جي مشهور واپاري غلام رسول ڪوڪر تي اي سيڪشن ٿاني تي ڪڻڪ ذخيرو ڪرڻ جي ڏوهه ۾ خوراڪ ڪاني جي سپرنٽائينڊنٽ علي اصغر پنهور جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو دادو ۾ 2 ڏينهن اڳ ڪڻڪ ذخيرو اندوزي ڪرڻ خلاف اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ خوراڪ ڪاني پاران گڏجي اطلاع تي دادو جي مشهور واپاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سجاول : ميڊيڪل انٽري ٽيسٽ ليڪ ٿيڻ خلاف شاگردن ۽ والدين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سڪر ۾ فشريز ڪاٽي عملدارن جي رشوت خوري سبب مڇي نايابٿيڻ لڳي

ٻنهي پاسن کان پنجاهه کان وڌيڪ ٻيڙيون مڇي جي غيرقانوني طور شڪار ڪرڻ ۾ مصروف

سڪر جي عملدارن رشوت جي بازار گرم ڪندي اداري کي تباهه ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر ناهي ڇڏي

فشريز ڪاٽي جي ملازم بچل شاه مياڻي جي رهاڪو پرائيوٽ ماڻهو عابد علي کي مقرر ڪري ڇڏيو

سڪر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر ۾ فشريز ڪاٽي عملدارن جي رشوت خوري بشراج جي اب ۽ ڊائون ٻنهي پاسن ک

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 18 سيپٽمبر 2023ع

نگران حڪومت انتقامي ڪارروائين کان پاسو ڪري عوام کي رليف ڏئي ڏيکاري

اسان اهو سمجهندا ۽ چوندا رهيا آهيون ته جنهن به ماڻهوءَ کي جڏهن به ڪنهن "عهدي" تي ڪم ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي ته ان کي اسان ڪنهن ماڻهوءَ کي تاريخ طرفان پنهنجي تاريخ ناهڻ جو مليل هڪ سونهري موقعو پائيندا آهيون پر افسوس ته عام طور تي ماڻهو ان احساس وچان ڪم ناهن ڪندا. اهو به پنهنجي جاءِ تي اميو آهي ته ماڻهو وڏا وڏا عهدا سيڙائي ويٺا هوندا آهن ته ٻاڻ ڪم ڪندا آهن ته ئي ڪنهن ٻئي جي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪرسي خالي ڪندا آهن. حڪومتي، انتظامي، وڏين پڳهارن، رعايتن ۽ مراعتن وارا عهدا ته نهيو پرماڻهو هڪڙن رضاڪارانڻ ڪمن وارن عهدن تي به چنبڙيا پيا هوندا آهن. جڏهن ته رضاڪارانا ڪم اهي ماڻهو ڪندا آهن جيڪي سمجهندا آهن ته پلا تائيم آهي ته اهي سماجي ڪم ڪجن پر هاڻي رضاڪارن ڪمن ۾ به چنبڙي رهڻ جو دستور عام آهي. ڪم ڪرڻ جو ڪجهه نئون ڪري ڏيکارڻ جو تاريخ ناهڻ وارو جذبو ناپيد ٿيندو پيو وڃي. جڏهن ته ٽيئ ايئن گهرجي ته جيڪڏهن اوهانکي وقت آهي، خدمت ڪرڻ جو ڪو جذبو آهي، ڪو پروگرام آهي، منصوبو آهي، مقصد آهي ته اوهان عهدن تي براجمان ٿيو پر جيڪڏهن اوهان وٽ وقت ناهي، ڪو جذبو ناهي، پروگرام منصوبو يا مقصد ناهي ته بهتر آهي ته اهڙي ڪنهن جذبي رکندڙ ماڻهوءَ کي موقعو ڏنو وڃي.

اسان ڏسندا آهيون ته حڪومت اندر وزارتون ورهايون ويندين آهن. وزارتون ۽ عهدا وڻڻ تي جهيڙا ٿيندا. تڪرار ٿيندا. انهن عهدن ۽ وزارتون نه ملڻ ڪري پارٽيون چڏيون ويندين پر وزارتون ۽ عهدا ملندا ته اهي ماڻي ڪنڊون وٺي ويهي رهندا. پلا جيڪڏهن اوهان کي ڪم ئي نه ڪرڻو هو ته پوءِ وزارتن جي ايڏي ڊوڙ. انهن تي جهيڙا ۽ تڪرار چو؟ ان کان چا اهو بهتر نه هو ته اهل ۽ حقدار ماڻهوءَ کي اها وزارت يا عهدو ڏيارڻ لاءِ پنهنجي حصي جو ڪم ڪجي ها.

اهو رويو ۽ اهو لاڙو اسانجي ماڻهن جو مجموعي مزاج ٿي ويو آهي ته نه ٻاڻ ڪم ڪبو نه ڪنهن ٻئي کي ڪم ڪرڻ ڏبو. اهو رويو حڪومتن، وزيراعظمن ۽ وزيرن ۾ به واضح طور نظر اچڻ لڳو آهي. اڳوئي وزيراعظم عمران خان جي حڪومت ۾ دلچسپي جو عالم اهو هو ته ڪو واقعو ٿي ويندو هو ته چوندو هو ته مونکي ته ڪا خبر ئي ناهي. ٻاڻ ئي هڪ انٽرويو ۾ فرمايو هيائين ته ڪڏهن ڪڏهن خبرون ٻڌندي حيرت ٿيندي هئي ته گهر واري چوندي هئي ته تون جو وزيراعظم آهين ته حل ڪر نه اهي مسئلا ته ڪلي چوندو هو ته مون کان اهو به وسري ويندو آهي ته ڪو مان وزيراعظم آهيان.

اهي سڀ مقيمون ڳالهيون ۽ حوالا موجوده نگران حڪومت جي حوالي سان آهن ته نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ کان وٺي ان جا وزير فرمائيس ٿا ته اسان جو بنيادي ڪم چونڊون ڪرائڻ ناهي. اهو ڪم الڪيشن ڪميشن جو آهي اسان جو ڪم الڪيشن ڪميشن جي سهڪار تائين محدود آهي. هلو مڃيون ٿا ته اوهان چونڊن جو بار نٿا کنوڻ چاهو ڳالهه گورننس جو به ذمو نه ڪنندئو چا عوام جا مسئلا حل نه ڪندئو ۽ عوام کي ڪو رليف به نه ڏيندئو. نگران حڪومت ۾ جن کي وزارتون مليون آهن سي چا تن مهينن اندر عوام کي خوش ڪري دعائون نٿا ماڻي سگهن.

سو نگران حڪومت کي صلاح آهي ته اها تاريخ جي مليل سونهري موقعي جو فائدو وٺندي پنهنجي تاريخ ناهي ڏيکاري. نگران وزيراعظم انوار ڪاڪڙ ۽ سندس وزيرن کي ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جو عظيم موقعو مليو آهي تنهن جو پريور فائدو وٺڻ گهرجي. هونئن ته نگران حڪومت جوڙڻ جو بنيادي مقصد به جيڪر اهو ئي هجي ها ته نگران حڪومت ۽ ان جا وزير نندا نندا عوامي مسئلا اوليت جي بنياد تي حل ڪن مثال طور ڪٿي پڳهارن ۾ رنڊڪ آهي. امن امان جو مسئلو آهي، مهانگائي آهي، دڪاندار ۽ واپاري طئي ٿيل اڳهن کان مٿي شيون وڪڻن ٿا ته انهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

عوام جي جان، مال ۽ عزت جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي. تعليمي ڌارن ۽ اسپتالن جون بنيادي گهرجون پوريون ڪيون وڃن. عدالتن ۾ جيڪي عام ماڻهن جا ڪيس سالن کان نٿا اڪلاڄن سي تيزي سان هلايا وڃن. شهرن ۽ ڳوٺن جي صفائي سترائي، سيوريج جو نظام بهتر بڻائڻ، روڊن رستن جي مرمت وغيره جهڙا ڪم ته نگران حڪومت ڪري سگهي ٿي. ايئن جنهن به شخص کي جيڪي به وزارتون مليون آهن تن تي فرض آهي ته اهي پنهنجي حصي طور عوام کي رليف ڏين ۽ پنهنجين وزارتن ۾ مثالي ڪم ڪري ڏيکارين. سڌسماءُ جو ڪو وزير آهي ته اهو ميڊيا کي رهتون ڏيارڻ واري معاملي کي تاسڪ طور ڪٿي سگهي ٿو. پر ڏسڻ ۾ ايئن نٿو اچي.

ڏسڻ ۾ ايئن ٿو لڳي ته نگران حڪومت انتقامي ڪارروائي ۾ پنهنجا جوهر ڏيکارڻ جي موڊ ۾ آهي. گذريل حڪومت جي وزيرن جي ڪرپشن خلاف ڪيس ناهڻ ۽ بيوروڪريسي خلاف ڪارروائي ڪرڻ ۾ نگران حڪومت وڏيءَ دلچسپي وٺي رهي آهي. عوام جي صورتحال "ادو جائوادي جائي اسان اتي جوا تي" واري آهي. سو نگران حڪومت به رواييتي سياسي ماحول برقرار رکڻ تي تواناين خرچ ڪري رهي آهي جنهن سان ظاهر آهي ته نه انکي فائدو ٿيندو نه ئي عوام کي اهو سڀ وقت ضايع ڪرڻ جي برابر آهي. چاڪاڻ ته هتي هر دور ۾ گذيل حڪمرانن ۽ بيوروڪريسي خلاف انتقامي ڪارروائي جو رواج آهي ۽ پوءِ ٿيندو به ڪجهه ناهي.

سو جيڪڏهن نگران حڪومت ۽ انجي وزيرن کي ڪجهه ڪرڻو ئي ناهي، رڳو وقت ضايع ئي ڪرڻو آهي ته اهو بهتر نه هو ته نگران حڪومت انهن ماڻهن جي حوالي ڪجي ها جن ۾ عوام جي خدمت جو ڪو جذبو هجي ها ۽ تاريخ طرفان مليل سونهري موقعي مان فائدو وٺي پنهنجي تاريخ ناهي ڏيکاري ها.

بقايا 01 ***

رشيد جي بن پائٽين کي به گرفتار ڪيو ويو آهي. هن چيو ته شيخ رشيد کي سادن ڪپڙن ۾ ماڻهن گرفتار ڪيو.

بقايا 02 ***

به بڻجندو رهيو عمر عطا بنديا 2 فيبروري 2022 تي چيف جسٽس پاڪستان جو عهدو سنڀاليو ۽ سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس گهٽ هجڻ تي فوڪس ڪرڻ جو چيو پي ٽي آءِ حڪومت طرفان اماٽيل 63 اي جي صدارتي ريفرنس تي هن فيصلو ڏنو ته ان وقت جي اپوزيشن ڪيس تنقيد جو نشانو بڻايو بطور چيف جسٽس ڊپٽي اسپيڪر قاسم سوري ڪيس ۾ پارليامينٽ بحال ڪندي ٻيهر ووٽنگ جو حڪم ڏنو پنجاب جي اسپيڪر درست محمد مزاري جي رولنگ کي به ڪالعدم قرار ڏئي پنجاب اسمبلي ۾ ٻيهر ووٽنگ جو حڪم ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ پرويز الاهي پنجاب جو وڏو وزير بڻجي اڳوئي چيف جسٽس عمر عطا بنديال ريويو آف جڊيمينٽ اينڊ آرڊرز ايڪٽ 2023 کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جو فيصلو پنجاب ۾ 14 مئي تي چونڊون ڪرائڻ ۽ ان فيصلي تي اليڪشن ڪميشن جي نظرثاني رد ڪرڻ جو به فيصلو ڏنو جسٽس بنديال سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ، سوئلنز جي فوجي عدالتن ۾ ڪيس، آڊيو ليڪس ڪميشن ڪيس سميت بيا اهم ڪيس ٻڌا. جسٽس مظاهر علي اڪبر نقوي جي خلاف ريفرنس به سندس ئي دور ۾ داخل ٿيو نامزد چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي خلاف اماٽيل ريفرنس ٻڌندڙ بينچ جو سربراهه به رهيو مشهور 62 ون ايف جي تحت تاحيات نااهلي ڪيس جو فيصلو به عمر عطا بنديال جاري ڪيو جسٽس عمر عطا بنديال پاٿمرادو نوٽيس جي طريقيڪار تي فيصلو پڻ ڏنو هو مختلف ڪيسن ۾ فيصلن، بينچز جي جوڙجڪ ۽ سياسي پارٽين طرفان سخت تنقيد جو نشانو پڻ ٻڌجو پر هن صبر جو مظاهرو ڪندي ڪنهن جي خلاف به توهين عدالت قانون جو استعمال نه ڪيو.

بقايا 03 ***

آفيسر مقرر ڪيو ويو آهي ٻئي طرف مسلم ليگ(ق) جي اڳواڻ چوڌري سرور چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ کي مبارڪباد ڏئي چڏي آهي. هن چيو ته اميد آهي ته چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ عدليه جو وقار بحال ڪندا. نئون چيف جسٽس عدليه جي حوالي سان عام شهري جي بداعتمادي جو خاتمو ڪندو.

بقايا 04 ***

م ڪورٽ ترجمان چيف جسٽس طرفان نين مقررين جي پڌرائيءَ به جاري ڪري چڏي آهي، جنهن موجب جزيل اسلم کي سپريم ڪورٽ جي رجسٽرار مقرر ڪيو ويو آهي. پڌرائيءَ ۾ چيو ويو آهي ته لاهور هاءِ ڪورٽ سيشن جج اوڪاڙا جزيل اسلم جون خدمتون سپريم ڪورٽ حوالي ڪري چڏيون آهن. جزيل اسلم کي 3 سال لاءِ ڊيپوٽيشن تي سپريم ڪورٽ جي رجسٽرار مقرر ڪيو ويو آهي. پڌرائيءَ موجب ڊاڪٽر مشتاق احمد کي چيف جسٽس جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته بلوچستان مان عبدالصادق چيف جسٽس جو چيف آف اسٽاف مقرر ٿي ويو آهي.

بقايا 05 ***

کي اين آر او ڏيڻ لاءِ ٻيهر نيب جا قانون تبديل ڪري چڪو آهي. هن چيو ته جڏهن عمران خان صدارتي حڪم نامي ذريعي پنهنجن ساٿين کي اين آر او ڏيڻ جي لاءِ نيب قانون تبديل ڪيا هئا ان وقت بنديال ڪٿي هو؟ ان وقت هن اهڙي طرح چو ايڪٽ نه ڪيو هو؟ آرڊيننس ته چئن مهينن جي لاءِ هو ۽ عمران خان جي اسپانسرز ان مان فائدو ڪنيو هو. اهو نيب نيازي گٺ جوڙ جي زنده مثال هئي. اڳوئي وزيراعظم چيو ته (ن) ليگ جي قانوني ٽيم نواز شريف کي پاڪستان واپسي لاءِ ڪليئرنس ڏئي چڏي آهي ان جي ملڪ واپسي جي رستي ۾ هاڻ ڪابه پريشاني نه آهي. شهباز شريف وڏيڪ چيو ته نواز شريف پنهنجي ڪيسن ۾ نيب ترميم جو سهارو نه ورتو هو هو 21 آڪٽوبر تي پاڪستان پهچي ويندو. ياد رهي ته لنڊن ۾ مسلم ليگ(ن) جي قيادت جي اهم گڏجاڻي ۾(ن) ليگ جي قانوني ٽيم نواز شريف جي ملڪ واپسي جو ڪليئرنس ڏئي چڏيو آهي. قانوني ٽيم چيو آهي ته نواز شريف کي پاڪستان واپسي تي ڪيسن ۾ قانوني مونجهارن تي ڪابه پريشاني نه آهي. ذريعن موجب(ن) ليگ جي قانوني ٽيم نواز شريف جي پاڪستان واپسي لاءِ لائحه عمل تيار ڪري ورتو آهي. ياد رهي ته اڳوئي وزيراعظم نواز شريف 21 آڪٽوبر تي پاڪستان واپس پهچندو ۽ (ن) ليگ طرفان ان جو پرجوش استقبال ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي.

بقايا 06 ***

۽ ٻين به شرڪت ڪئي. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ 5 سيپٽمبر 2014ع تي سپريم ڪورٽ جي جج جي حيثيت ۾ حلف ڪنيو هو. 2019ع ۾ صدارتي ريفرنس بعد سينئر ترين جج هئڻ باوجود ڪيس تن سالن کان ڪنهن آئيني ڪيس جي ٻڌڻ ۾ شامل نه ڪيو ويو قاضي فائز عيسيٰ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ تي اسٽي آرڊر بعد اپريل کان معمول جي ٻڌنج ۾ ويهڻ کان معذرت به ڪئي. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جو چيف جسٽس جو مدو مختصر هوندو. هو 25 آڪٽوبر 2024ع تي عهدي تان رٽائر ٿي ويندو پئي. پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ تي ٻڌڻي جي لاءِ چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ فل ڪورٽ بينچ جوڙيو ويو آهي فل ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ جي خلاف داخل درخواستن تي بينچ سپاهي ٻڌڻي ڪندو. اڳوئي چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ اٺ رڪني لارجر بينچ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ معطل ڪري چڏيو هو جمعي 15 سيپٽمبر تي سپريم ڪورٽ ۾ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل ٻڌڻي جي لاءِ مقرر ڪيو ويو هو جنهن سلسلي ۾ رجسٽرار آفيس ڏرين کي نوٽيس جاري ڪري چڏيا هئا. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيف جسٽس آف پاڪستان جي حيثيت سان حلف کڻڻ کان پوءِ فل ڪورٽ بينچ جوڙي چڏيو آهي. چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جوڊيشل ڪميشن جو سربراهه به بڻجي ويو آهي. جوڊيشل ڪميشن جي ذريعي اعليٰ عدليه ۾ ججز جون مقررين ٿينديون آهن ۽ سپريم ڪورٽ ۾ هن وقت 2 ججز جون آساميون خالي آهن. ان کان علاوه چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ سپريم جوڊيشل ڪونسل جو چيئرمين به بڻجي ويو آهي. سپريم جوڊيشل ڪونسل اعليٰ عدليه جي ججز خلاف شڪايتون ٻڌڻ جو فورم آهي.

بقايا 07 ***

نيب قانون ۾ ڪيل ترميم ختم ڪرڻ ۽ نواز شريف جي واپسي جي حوالي سان اسحاق ڊار چيو آهي ته 62 ون ايف بل پارليامينٽ ۽ صدر جي منظوري کان پوءِ قانون بڻجي چڪو آهي. هن قانون جي تحت نااهليت جو تاثير 5 سال آهي هن قانون سان نواز شريف ۽ جهانگير ترين سميت ٻين ماڻهن کي فائدو پهتو هن چيو ته مريم نواز جي به مختلف ڪيسن ۾ بريت ٿي چڪي آهي. نواز شريف جي پاڪستان پهچڻ ۽ چوندن ۾ حصو وٺڻ ۾ هاڻ ڪنهن به قسم جي رنڊڪ نه آهي نواز شريف جي پاڪستان پهچڻ تي شاندار استقبال ڪيو ويندو پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري طرفان(ن) ليگ تي ڊپيل لفظن ۾ ڪيل تنقيد تي اسحاق ڊار چيو ته بلاول منهنجي لاءِ ٻت جيان آهي ان تي ڪجهه نٿو ڳالهائڻ چاهيان. پ پ سان گڏجي 17 مهينن تائين اتفاق راءِ سان فيصلا ڪيا. اسحاق ڊار چيو ته استحڪام پاڪستان پارٽي سان اتحاد جون ڳالهيون وقت کان اڳ جون آهن. مسلم ليگ(ن) کي موقعو مليو ته هو 2013 وارو پاڪستان ناهڻ جي ڪوشش ڪندي.

بقايا 08 ***

بحال ٿي چڪو آهي، نائي واري وزارت جي ذريعن موجب مالي بحران ۾ قائل قومي ايئر لائن جو ماهوار خسارو 12 ارب روپيه تائين پهچي ويو آهي. ذريعن موجب پي آءِ اي ڪمرشل بينڪن کان حڪومتي گارنٽي تي 260 ارب روپيه قرض ڪنيو آهي. ايئرلائين کي ايف بي آر کي هڪ ارب 25 ڪروڙ روپيه ٽيڪس ڏيڻو آهي جڏهن ته پي آءِ اي سول ايوي ايشن کي ماهوار هڪ ارب کان وڌيڪ جي ادائيگي نه ڪري رهيو آهي پي آءِ اي جي ماهوار آمدني 22 ارب ۽ خرچ 34 ارب تائين ۽ گڏيل خسارو 740 ارب روپين جي ريجهو پهچي چڪو آهي. ذريعن وڏيڪ ٻڌايو ته پي آءِ اي جي نجڪاري فوري عمل ۾ آڻڻ جي تجويز آهي چوته پي آءِ اي جي قرض جو خسارو اٺانڻ جي مالڪ کان 5 پيرا وڏيڪ آهي.

بقايا 09 ***

۾ پارٽي جي مختلف ورڪنگ جي اجلاسن سان خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته نواز شريف کي الله پاڪ ڪامياب ڪيو آهي. هاڻ پاڪستان کي ڪامياب ڪرڻو آهي. الله پاڪ هڪ پيرو ٻيهر نواز شريف کي "پلس" ڪيو. هر پيري مائنس ڪرڻ جي ڪوشش مائنس ٿي وئي. هن چيو ته نواز شريف جي بغض ۾ عوام کي سزا ڏني وئي. اميد ته اج کان عدل جي ايوانن ۾ انصاف جي واپسي ٿيندي ۽ دعا آهي ته تارازي جا ٻئي پاسا سيني لاءِ برابر هوندا. سندس چوڻ هو اميد ته نواز شريف ۽ ان جي ساٿين کي ناانصافين مان چوٽڪارو ملندو. نواز شريف سان دشمني جي سوچ اصل ۾ پاڪستان دشمني ۽ عوام دشمني جي سوچ آهي.

بقايا 10 ***

جمعي تي ملهائي ويندي. 12 ربيع الاول تي سرڪاري موڪل هوندي آهي، مطلب جمعي تي عيد ميلاد النبي صه جي موڪل هوندي، جنهن کانپوءِ چنڊ ۽ آڙجون موڪلون ملائي سرڪاري ملازمن کي 3 موڪلون گڏ ملي ويندين. ميڊيا رپورٽن موجب 12 ربيع الاول تي ڏينهن جي شروعات 21 ترين جي سلامي سان ٿيندي. مسجدن، سرڪاري عمارتن ۽ اهم جاين کي سينگاريو ويندو.

بقايا 11 ***

جي درخواست ڪئي آهي. واٽر بورڊ آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچي جا شهري واٽر مافيا کان پريشان آهن. ڪراچي جي مسئلن ۾ پاڻي جو مسئلو به اهم آهي، شهرين کي رليف فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. هن چيو ته ڪينجهر ۽ حب ڊيم مان پاڻي جي فراهمي کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪنداسين. حب ڊيم جي لائن جي مرمت جو ڪم جاري آهي، جنهن کانپوءِ لائن مان وڏيڪ پاڻي ڪراچي کي فراهم ڪري سگهبو.

سندس چوڻ هو ته هاڻ واٽر مافيا خلاف ڪارروائي ۾ پوليس ۽ رينجرز به اسان سان گڏ آهي. هيل تائين 17 ڪيس ڪري چڪا آهيون ۽ 75 جڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي.

بقايا 12 ***

جو بنياد سڌائين عدل ۽ انصاف تي قائم هوندو آهي. جن معاشرن ۾ عدل ۽ انصاف ناهي اهي تباهه ٿي ويندا آهن. هن چيو ته تحريڪ انصاف قانون جي پاسداري ڪندڙ جماعت آهي، پي ٽي آءِ جو نظريو قانون جي بالادستي، عدل ۽ انصاف جي اعليٰ ترين اصولن تي بڌل آهي، پي ٽي آءِ چيئرمين هر قدم تي قوم کي آئين ۽ قانون جي پاسداري جو ڏس ڏنو.

بقايا 13 ***

چين جي قائم مقام قونصل جنرل محسن نقوي کي الوداع ڪيو ۽ ان اميد جو اظهار ڪيو ته وڏي وزير جو چين جو دورو گڏيل سهڪار جي فروغ لاءِ اهم ثابت ٿيندو. صوبائي وزير ايس ايم تنوير، عامر مير، سيد اظفر علي ناصر، ابراهيم حسن مراد، چيف سيڪريٽري ۽ نائي وارو سيڪريٽري پڻ پنجاب جي نگران وڏي وزير سان گڏ آهن. وڏو وزير محسن نقوي چين ۾ واپاري برادري، سيڙپڪاري ڪمپنين جي اعليٰ عملدارن ۽ صنعتڪارن سان ملاقات ڪندو. هو زراعت، آئي ٽي ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ لاءِ چيني عملدارن سان ملاقاتون پڻ ڪندو. ان حوالي سان محسن نقوي جو چوڻ آهي ته چين جو دورو پنجاب جي عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪندو هن اهو پڻ چيو ته چين هميشه هڪ مخلص دوست جي حيثيت سان ڪم ڪيو آهي، ان دوري جا ڦوري ۽ پائيدار نتيجا ڪڍڻ جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي.

بقايا 14 ***

آساني سان 6.1 اوورز ۾ حاصل ڪري ورتو. پارٽ 10 وڪيٽن تان ميچ کٽي آئيشين چيمپين بڻجي ويو. پارٽ طرفان شبمن گل 27 ۽ ايشان ڪشن 23 رنسون ناهي ناقابل شڪست رهيا. ياد رهي ته پارٽ رڪارڊ سيني ڪان وڏيڪ 8 پيرا ايشيا ڪپ جو ٽائٽل پنهنجي نالي ڪيو آهي ڪولمبو ۾ ڪيڊيل فائنل ۾ سريلنڪا پارٽ جي خلاف تاس ڪٽي پهريان بيٽنگ جو فيصلو ڪيو جيڪو غلط ثابت ٿيو فائنل ۾ سريلنڪا جي بيٽنگ برسات سبب ڊير سان شروع ٿي ميچ شروع ٿيندي ئي سريلنڪا جا راڊنيڪر هڪ ٻئي پنيان آئوٽ ٿيندا ويا. سريلنڪا جا شروعاتي 6 راڊنيڪر صرف 12 رنسن تي پويلين موٽي ويا هئا جڏهن ته سڄي سريلنڪا جي ٽيم 15.2 اوورز ۾ 50 رنسن تي ڍير ٿي وئي. پارٽ جي بالر محمد سراج بهترين بالنگ ڪندي 21 رنسون ڏئي 6 وڪيٽون ورتيون. جڏهن ته باردڪ پانڊيا 3 راڊنيڪرن کي آوٽ ڪيو. هڪ وڪيٽ ٻمراهه جي حصي ۾ آئي. سريلنڪا جا 9 راڊنيڪر ڊبل فگر ۾ به داخل نه ٿي سگهيا. سريلنڪا جو ڪوشل مينڊس 17 رنسون ناهي نمايان رهيو. جڏهن ته سريلنڪا جا پنج راڊنيڪر ٻڙي تي آئوٽ ٿيا. پارٽي ڪپتان روهت شرما تاس جي موقعي تي چيو هو ته تاس ڪٽيون ها ته اسان پهريان بيٽنگ ڪريون ها. سريلنڪن ڪپتان داشن شناڪا چيو ته پچ بيٽنگ جي سازگار لڳي رهي آهي.

بقايا 15 ***

پيو ۽ موسم خوشگوار بڻجي وئي. ڪنري جي مختلف علاقن ۾ زميندارن ڀاران ڪرن ۾ شڪ لاءِ رڪيل مرچ ڀسي ويا. جڏهن ته مرچن ۽ ڦتي جي بيئل فصل ۾ برسات پوڻ سبب جان ٻچي وئي ۽ آبادگار ۽ هارين جا چهرا ٻهڪي پيا.

بقايا 16 ***

يا تحريڪ انصاف شهر لاءِ ڪجهه ڪيو هجي ها ته ماڻهو ايم ڪيو ايم کي وساري چڏين ها. هن چيو اسان به غلطيون ڪيون آهن پر اسان جون غلطيون ٻين جماعتن کان تمام گهٽ آهن، جڏهن ته ڪراچي ۾ ڪجهه به ٻرو ٿيندو آهي ته ان جو الزام ايم ڪيو ايم تي لڳايو ويندو آهي.

بقايا 17 ***

هو شهيد عثمان غني سچي زندگي پورهيتن جي حقن ۽ جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪئي شهيد عثمان غني جو عزم، جدوجهد ۽ قرباني پارٽي لاءِ فخر ۽ قابل تعريف آهي مزدورن سميت ٻئي ٻيل طبقن جي جدوجهد پاڪستان پيپلز پارٽي جي شهيدن جو ورثو آهي شهيدن جي قربانين کي ضايع نه ٿيڻ ڏنداسين. سندن نامڪمل مشن کي پورو ڪري مري ويندا سين

بقايا 18 ***

پنهنجي تازي بيان ۾ حنيف عباسي چيو آهي ته جيڪڏهن منهنجي بيان سان ڪنهن جي دل آزاري ٿي آهي ته معذرت ڪيان ٿو. هن چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو هڪ عظيم اڳواڻ هو جنهن ايٽمي پروگرام جو بنياد رکيو پر المیو آهي ته ڀٽو جي فلسفي تي ڪارڪردگي جي لحاظ سان عمل نه ٿيو واضح رهي ته حنيف عباسي گذريل ڏينهن پنهنجي بيان ۾ چيو هو ته پ پ وارا چوندا آهن ڀٽو جيئرو آهي پر ڀٽو مري چڪو آهي.

بقايا 19 ***

ملي رهيا آهن. ٽوم 430 کان 580 روپيه في ڪلو ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي جڏهن ته ادرڪ 1300 روپيه في ڪلو ۾ ملي رهي آهي. فروٽ ۾ ڪيلو 160 روپيه في درجن ۽ آڙو 264 کان 310 روپيه ڪلو ملي رهيا آهن. انگور 357 روپيه ڪلو. صوف 220 کان 350 روپيه ۽ گولڊن صوف 150 کان 200 روپيه ڪلو ۾ ملي رهيو آهي ڪڪڙ جو گوشت في ڪلو 580 کان 600 روپيه في ڪلو ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي. آڙهه بازارن ۾ قيمتون ته گهٽ آهن پر شين جو معيار صحيح نه آهي. شهرين چيو آهي ته مهانگائي غريب عوام جي چيلهه ڀڄي چڪي آهي. حڪومت کي ريليف ڏيڻ گهرجي.

بقايا 20 ***

وڏي عمر جي ڪينيڊين عورت سان ٿي نجي ويب سائيٽ کي ڏنل انٽرويو ۾ نعيم شهزاد ٻڌايو ته هنن جي دوستي 2012ع ۾ فيسبڪ تي ٿي هئي، عورت هن کي فرينڊ رڪويسٽ موڪلي ۽ 2015ع ۾ سنڊس زال ٿي پهرين محبت جو اظهار ڪيو ۽ شادي جي آڇ ڪئي. نعيم موجب هن جي شادي 2017ع ۾ ٿي هئي پر ويزا جي مسئلي سبب هو ڪينيڊا نه وڃي سگهيو. گجرات جي شهري ٻڌايو ته جڏهن هنن جي دوستي ٿي ته هو ذهني طور تي ٽوڙا پريشان هئا. عورت ڪيس مڪمل سپورٽ ڪيو جنهن سبب هو محبت ۾ گرفتار ٿي ويو. نعيم شهزاد چيو ته ماڻهو چئي رهيا آهن ته آئون هن سان ڪينيڊا جي شهريت حاصل ڪرڻ لاءِ شادي ڪئي پر اهڙو ڪجهه به ناهي، اسان جي پنهنجي گهر ۾ ايترو سامان موجود ناهي. بس ضرورت جون شيون آهن، هيءَ ايتري گهٽتي امير ناهي. هي تازو ٿي 6 سالن کان پوءِ پاڪستان آئي آهي، هاڻ زال جو ارادو آهي ته 6 مهينا هتي ۽ 6 مهينا ڪينيڊا رهندي. مون کي زال جي ڪري خبر پئي ته سالگرهه به ڪا شيءِ هوندي آهي نعيم شهزاد ٻڌايو ته مون کي هن سان دوستي کان اڳ رڳو ايتري خبر هئي ته عيدون ۽ پاڪستان جي آزادي جا ڏينهن هوندا آهن پر هن ٻڌايو ته سالگرهه به ٿيندي آهي، هو منهنجي خاندان وارن کان سالگرهه ڀڄي مو کي ٻهاني ٻهاني سان پيسا موڪلينديءَ هئي. هن چيو ته آئون پهريان کان ويلنگ جو ڪم ڪندو هيس پر پوءِ هن مون کان ڪم چڏرايو. زال چيو هو ته ڊپلوما ڪر ۽ پوءِ ڪينيڊا اچ. اتان هن جو سئو ڪم آهي پر پوءِ هن ڏٺو ته ويلنگ جي ڪم ۾ ڪيتري ڏوڙ مٽي آهي ته هن چيو ته چڏ ان کي، جيتري توکي پگهار ملندي آهي اها آئون ڏيندس. وڏي عمر جي عورت سان شادي تي ٻيءَ ناراض آهي. نعيم مون سان وفادار آهي: زال جو بيان چوڪري جي زال چيو ته مون کي نعيم جون عادتون گهڻيون پسند آهن، هو ايماندار ۽ وفادار مڙس ثابت ٿيو آهي هن چيو ته شادي جا اهي 6 سال سٺا گذريا ۽ آئون هن سان محبت ڪندي آهيان. نعيم شهزاد ماڻهن کي پيغام ڏنو ته زندگي ۾ ڪڏهن به شادي جو فيصلو پيسو ڏسي نه ڪريو. اهو ڏسو ته اوهان پنهنجي جيون ساٿي سان خوشي رهي سگهندا يا نه. اهو ڏسو ته اوهان کي محبت هجي. نعيم موجب مون کي پنهنجي زال جي هر گالهه پسند آهي، مون کي چيڙيندي آهي، تنگ ڪندي آهي مون کي سنڊس هر ادا ڪيوٽنس نظر آيندي آهي.

بقايا 21 ***

بجلي چورن خلاف 262 ايف آءِ آر داخل ڪيون ويون ۽ بجلي چوري ۾ ملوث 54 جڻن کي گرفتار ڪيو ويو رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته بجلي چوري جون 269 شڪايتون مليون آهن، بجلي چوري ۾ ملوث 332 ماڻهن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي ٻئي طرف فيسڪو ترجمان جو چوڻ آهي ته فيصل آباد ۾ ڪارروائي دوران وڏيڪ 1014 بجلي چور پڪڙيا ويا آهن. بجلي چورن کي 1 ڪروڙ 16 لک روپين جا بل جاري ڪيا ويا آهن ترجمان جو چوڻ آهي ته سنگين بجلي چوري ۾ ملوث 18 صارفين کي گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته 769 خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن.

بقايا 22 ***

آهي. اڳوئي پنجاب جي وڏي وزير جي پيشي موقعي تي سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا. چوڌري پرويز الاهي کي سخت سيڪيورٽي ۾ عدالت ۾ آندو ويو اڳوئي پنجاب جي وڏي وزير جي جسماني ريمانڊ لاءِ جوڊيشل مئجسٽريٽ جي آڏو پيش ڪيو ويو پرويز الاهي طرفان سنڊس وڪيل صدر لاهور بار رانا انتظار حسين عدالت ۾ پيش ٿيو اينٽي ڪرپشن طرفان پرويز الاهي جي جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪئي وئي جنهن جي پرويز الاهي جي وڪيل مخالفت ڪئي ۽ ڪيس ٻسجارج ڪرڻ جي استدعا ڪئي. پرويز الاهي جي وڪيل دليل ڏيندي موقف اختيار ڪيو ته انڪوائري کان اڳ ايف آءِ آر داخل نٿي ٿي سگهي، سياسي ڊي جي اينٽي ڪرپشن خلاف توهين عدالت جي درخواست داخل ڪنداسين. پرويز الاهي جي گرفتاري بدنيتي تي ٻڌل آهي. اڳوئي وڏي وزير جي خلاف نه انڪوائري ڪئي وئي نه ئي ڪو نوٽيس اماٽيو ويو. پرويز الاهي جي وڪيل جا دليل مڪمل ٿيڻ تي جوڊيشل مئجسٽريٽ اڳوئي پنجاب جي وڏي وزير جي جسماني ريمانڊ تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو. جنهن کان پوءِ عدالت طرفان محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائيندي پرويز الاهي کي ڪيس مان ٻسجارج ڪري چڏيو ۽ ڪيس آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو عدالت جي فيصلي کان پوءِ پرويز الاهي کي راولپنڊي ۾ دهشتگردي جي ڪيس ۾ ملوث هجڻ تي ٻيهر گرفتار ڪيو ويو. اڳوئي پنجاب جي وڏي وزير کي هاڻ ايبالا جيل منتقل ڪيو ويندو.

بقايا 23 ***

ڪنڊ جي فراهمي جي منظوري ڏني وئي. ان حوالي سان ذريعن جو چوڻ آهي ته پنجاب حڪومت يوٽيليٽي اسٽورن ذريعي عوام کي 140 رپيا في ڪلو ڪنڊ فراهم ڪندي. سچي صوبي ۾

بقايا | سنڌيار 01

ڪلوئي تعلقي جي ڳوٺ خان محمد لاشاري، جان محمد لاشاري، جمعون خاصخيلي، سجي موري سميت مختلف ڳوٺن ۾ وڃي ڇوپائي مال کي بيماري کان بچا لاءِ حفاظتي ٽڪا لڳائي علاج ڪيو آهي. هن ٻڌايو ته 2 هزار کان وڌيڪ رڍن ۽ ٻڪرين ۽ پنج هزار کان وڌيڪ مينهن ۽ ڍڳين ۾ مفت ٽڪا لڳائي علاج ڪيو ويو. هن چيو ته آس پاس جي ڀاڱين کي گهرجي ته حفاظتي ٽڪن ۽ علاج لاءِ اسانجي ٽيم سان تعاون ڪن جيئن وقت سر ڇوپائي مال جو علاج ۽ حفاظتي ٽڪا لڳي سگهن

بقايا | سنڌيار 02

حسن ملڪ - جنرل سيڪريٽري غلام رسول ميراڻي - پريس ڪلب جي صدر مسعود عالم سومرو - پير بخش بنگوار - دليپ ڪمار ٺاڪر - بقا محمد بنگوار - راجا گوپي چند - حفيظ ملڪ - غلام ياسين لاشاري - نيڪ محمد سهريائي - دلبر بنگوار - لطيف ميراڻي - قدرت الله ميراڻي - جاويد ملڪ - وقار اعوان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي ٻک هڙتال ڪيو ويو - مظاهري ۾ شريڪ صحافين هٿن ٻنهر کڻي زوردار نعري بازي ٻڌ ڪيو انهي موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته سڪر جي سينيئر نالي واري صحافي جان محمد مهر کي ناحق بيدردي سان شهيد ڪيو ويو پوليس قتل ۾ ملوث سڪ جوابدارن کي گرفتار ناهي ڪري سگهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا هنن نگران سنڌ حڪومت ۽ آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري انصاف ۽ سندس جي وارثن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار 03

ڳوٺمندي جي هڪ واپاري شعيب جت ڪڪ چوري ڪندي جنيد نواري نالي ٻارڙي کي پڪڙي ورتو آهي، واپاري جو چوڻ آهي ته ٻارڙو وقفي وقفي سان 2 مڻ چانور به چوري ڪري چڪو آهي، محرابپور جو واپاري شعيب جت آهي جنهن ٻارڙي کي سمجهائڻ، سندس وڏن کي ڏانهن ڏيڻ ۽ ٻڪ کان ڪجهه مدد ڪرڻ بجاءِ سندس هٿ پڌري وڏيڪ تذليل لاءِ سندس ڦوٽو سوشل ميڊيا تي وائرل ڪيو آهي، ٻارڙي پاران ڪيل چوري جي عمل کي جيتوڻيڪ سٺو نه ٿا سمجهون پر سندس تذليل به ڪنهن صورت ۾ پلو عمل ناهي، ٽيڻ ته ائين گهرجي ها ته ڳوٺ مندي جو واپاري شعيب جت سندس والدين کي سمجهائي ٻارڙي جي هٿ ۾ ڪتاب ڏئي سندس تعليم جو خرچ برداشت ڪرڻ جو اعلان ڪري هڪ اعلي ذوق جو مظاهرو ڪري ها، والدين کي گهرجي ته ٻارڙن تي گهري نظر رکي ڪين چوري جهڙي عمل کان پاسي تي رکي سندن بهتر تربيت لاءِ ڪوششون ونن...!!!

بقايا | سنڌيار 04

جي امير مولوي عبدالرحمان ڏنگراڻ محمد اڪرم پيرزادو ۽ ڊاڪٽر قمر پنهور ڪري رهيا هئا مظاهرين پنهنجي خطاب ۾ چيو ته جڏهن کان نگران سرڪار آئي آهي ان ڏينهن کان مهانگائي جو طوفان اچي ويو آهي مهانگائي جي ڪري عام ماڻهو جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي ماڻهو خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن آخر ۾ هنن چيف جسٽس آف پاڪستان کان مطالبو ڪيو ته حڪمرانن خلاف مهانگائي جو نوٽس وٺي پابند ڪيو وڃي ته زندگي جي عام واهپي جي شين جي اڳهن تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ملڪ گير تحريڪ شروع ڪئي ويندي

بقايا | سنڌيار 05

اڳواڻ ڪامريڊ غلام مصطفي سومرو طوفان تنظيم کي نظر ڪرڻ ۽ پرچم ڪشائي جي پُروقار تقريب ڪرائي وٺي، جنهن ۾ ايس ٽي پي جي ضلع صدر عبدالغني ملاح، جنرل سيڪريٽري عبدالڪريم پليجو، جمن سنڌي، واحد خاصخيلي، اعجاز اختر سومرو ڳوٺ جي معزز ڏاڏو سومرو، سماج سڌارڪ رشيد آزاد سومرو، غياض سومرو سميت علائقائي واسين جي وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌ هن وقت تمام نازڪ دور مان گذري رهي آهي، حڪمرانن جي ڪرپشن ۽ غلط پاليسين سبب شاهوڪار سنڌ جو عوام پنڌ تي مجبور آهي. هن چيو ته سنڌ کي هن وقت فقط ڊاڪٽر قادر مگسي جي باصلاحيت قيادت بحران مان ڪڍي سگهي ٿي، ان کان اڳ ڳوٺ رتا سومرو اسٽاپ تي ايس ٽي پي جي جهنڊي جي پرچم ڪشائي ڪئي وئي، جڏهن ڊايس ٽي پي يونٽ رتا سومرو لاءِ چيف آرگنائيزر عبدالرزاق سومرو ۽ آرگنائيزر اڪبر علي سومرو ۽ بشير جوڳي تي مشتمل 3 رڪني آرگنائيزنگ ڪميٽي جوڙي وئي.

بقايا | سنڌيار 06

شاهجهان چوڪ ٿٽي تائين هڪ بهترين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ هزارين عورتن، ٻارن ۽ مردن شرڪت ڪئي ۽ ان موقعي تي ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن پاران مين نيشنل هاءِ وي ٽنڊو تي ڌرڻو ڀڻ هنيو ويو ان موقعي تي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ سنڌ جي صدر لال جروار - جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاٽيار - عبدالقادر رانڙو ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته نگران حڪومت کي سنڌ جي معدنياتي وسيلن کي وڪڻڻ جو ڪو به اختيار نه آهي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ايم ڪيو ايم جو سنڌ کي ورهائڻ وارو مطالبو ملڪ سان غداري آهي، سنڌ جي ساحلي علائقن - سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪري سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي ئي زمين تي اقليت ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. اڳواڻن سنڌ جي عوام کي اپيل ڪئي آهي ته سنڌ کي ڪيترن ئي طرفن کان گهيريو ويو آهي، سنڌين جي وجود خطري ۾ آهي ۽ وسيلن تي قبضو ڪيو پيو وڃي سنڌي قوم جو وجود مڪمل طور تي خطري ۾ آهي سنڌ جي عوام کي پنهنجو تاريخي فرض ادا ڪري سنڌ جي وسيلن کي لٽڻ ۽ سنڌ جي ثقافت ۽ سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ کان بچڻ لاءِ هڪ تاريخي ۽ پرامن احتجاج ڪرڻ گهرجي ٻي صورت ۾ تاريخ اسان کي ڪڏهن به معاف نه ڪندي

بقايا | سنڌيار 07

شڪيل بروهي جي سهڪار سان ڳوٺ حسين بروهي ۾ ميڊيڪل ڪيمپ منعقد ڪئي جنهن ۾ ٽن سو کان وڌيڪ مريضن جو طبي معائنو ڪيو ويو ۽ ڪين مفت دواڻون ڏنيون ويون. ان موقعي تي حاجي محمد حنيف ميمڻ چيو ته اسان هن برڪتن واري مهينو ۾ شروعات هڪ نيڪ عمل سان ڪري رهيا آهيون. پاڪستان ريڊ ڪريسنٽ اداره ٿٽي ۾ ٻن سالن کان ٿٽي ۾ ڪم ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ 25 هزار ماڻهن جو هن وقت تائين علاج ڪيو ويو آهي. اسان جو مقصد ماڻهن کي ماضي جي بيمارين کان بچائڻ آهي هن ڪيمپ ۾ ڊاڪٽر عليم عقيلي سميت هڪ ليڊي ڊاڪٽر مفت ۾ پنهنجون خدمتون پيش ڪيون

بقايا | سنڌيار 08

جرنلسٽس جي صدر آغا اسرار پٺاڻ، عبدالسلام انڙ، زاهد نون، آياز منگي ۽ ٻين جو چوڻ هو ته صحافي جان محمد مهر جو قتل سڄي صحافي برادري لاءِ تشويشناڪ آهي. هڪ مهينو گذرڻ باوجود شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيا آهن، شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪجي ٿو. شهيد جان محمد مهر کي 35 ڏينهن اڳ شهيد ڪيو ويو هو پر پوليس اڃان تائين قاتلن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي. شهيد جان محمد مهر هڪ بهادر صحافي هو جنهن هميشه حق لاءِ آواز اٺاريو. شهيد جان محمد مهر جو قتل آزاد صحافت جو قتل آهي، صحافين کي حق ۽ سچ ڳالهائڻ تي شهيد ڪيو پيو وڃي. هنن آءِ جي سنڌ ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪندي چيو ته جان محمد مهر جي قاتلن کي جلد از جلد گرفتار ڪيو وڃي. ان موقعي تي عارف قريشي، عتيق ڏڪڙ، حڪيم جتوئي، عبدالخالق سومرو، فياض سومرو، عديل علوي، غلام قادر ۽ ٻيا صحافي موجود هئا.

بقايا | سنڌيار 09

ذريعي جناح اسپتال نيو ويو تفصيل موجب ملير گهگهر لڳ لنڪ روڊ تي ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر رزاق مگسي زخمي جڏهن ته بلال نالي شخص فوت ٿي ويو زخمي ۽ فوت ٿي ويل شخص کي ايمبولنس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

بقايا | سنڌيار 10

تائين پهچائڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي ايم ڪيو ايم سان ڪوبه سنڌ دشمن معائدو ناهي ڪيو چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي فيصلن کي نه اڃ مڃيو آهي نه هاڻي قبول ڪنداسين اهڙو اظهار جي يو آءِ اڳواڻ غلام راشد محمود سومري غوٿپور ۾ جي يو آءِ ضلعي ڪشمور جي اڳواڻ سيد يعقوب علي شاه جيلاني ٿرفان ڏنل جاني پارٽي جي دعوت تي ميڊيا سان گفتگو ڪندي ڪيو هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اسان سپريم ڪورٽ جي گيٽ اڳيان ڌرڻو هڻي چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي فيصلن خلاف ڌرڻا هنيا هئاسين ته هاڻي ڪيئن انجي فيصلن کي قبول ڪنداسين هن چيو ته مونکي الڪشن جلد ٿيندي نظر ٿئي اڃي نگران حڪومت کي گهرجي ته آئين جي اصولن جي پاسداري ڪندي جلد از جلد چونڊون ڪرائي ته ته اسان کي وري ميدان ۾ لهڻو پوندو هن چيو ته ڪشمور ۾ امن امان جي بهتر صورتحال لاءِ سنڌ پوليس ۽ رينجرز کي گڏيل ڪاروائي ڪري ڪجي ۾ بي رحم آپريشن ڪيو وڃي ۽ جيڪي به ٺير پير ۽ سردار انهن جا سهولتڪارن کي گريبان ۾ پڪ وڌا وجن تڏهن ئي امن قائم ٿيندو ان موقعي تي ان سان جي يو آئي اڳواڻ سيد محبوب علي شاه جيلاني سيد منور علي شاه سيد سهيل احمد شاه گڏ هئا

بقايا | سنڌيار 11

ميمڻ محلا واسي بيواه عورت زاهده ميمڻ پريس ڪلب ناروشاه پهچي دانهنبندي چيو ته ايس ايچ او ناروشاه جمشيد راجپوت ۽ پوليس اهلڪار شاهد ڪلهوڙو منهنجي يتيم پٽ احسان ميمڻ کي بي گناه گرفتار ڪري ڪيس سخت تشدد جو نشانو بڻائي اڌ مئو ڪري لاڪب ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته اسانجو ڪو به اوهي واهي ناهي پوليس پٽ سان ملڻ به نٿي ڏئي هن چيو ته ايس ايچ او ناروشاه جمشيد راجپوت پٽ کي آزاد ڪرڻ جا 30 هزار روپيا طلب ڪري رهيو مان گهرن جو ڪم ڪار پڇڻ جو پيٽ پالينڊي آهيان ايترا پيسا نه هٿ ڪري پٽ مٿان ڪيس داخل ڪرڻ جون ڏمڪيون ڏئي رهيو آهي هن روئيندي چيو ته فوري طور پٽ کي آزاد ڪري انصاف ڪيو وڃي نه ته هي صورت ۾ ناروشاه ٿاني آڏو پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندس ۽ انجو زميوار ايس ايچ او ناروشاه تي هوندي.

بقايا | سنڌيار 12

تربيت بيحد ضروري آهي موجوده تيز رفتار ترقي جي دور ۾ به بدين سميت ملڪ ۾ ڪيترائي اسڪول بند پيل آهن اڪثر اسڪول وڏيرن پرتارن جون اوطاقون بڻيل آهن درسي ڪتاب فرنيچر استادن جي ڪوٺ وڏو مسئلو بڻيل آهن هن چيو ته جن اسڪولن ۾ ڪتاب نه آهن اتي ڪتاب مهيا ڪيا وڃن بند تعليمي ادارن کي کولي متحرڪ ڪيو وڃي استادن جي ڪوٺ کي پورو ڪيو وڃي ۽ اسڪولن ۾ بنيادي سهوليتون مهيا ڪيون وڃن هن موقعي تي صوبائي صدر پروفيسر ابو عامر اعظمي جماعت اسلامي جي اڳواڻن عبدالقدوس احمداڻي سيد علي مردان شاه گستا جي ڪاشف قادر ميمڻ پروفيسر طفيل چانڊيو پروفيسر عبدالحفيظ احمداڻي راڻو اعظم سليم سيد عمران شاه به خيالن جو اظهار ڪيو جڏهن ته ضلع جي استادن وڏي تعداد ۾ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار 13

تي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته اڳوڻي سيڪريٽري ايجوڪيشن غلام اڪبر لغاري 2021 کان هلندڙ استادن جي پرتين واري عمل جيڪو بنا ڪنهن رڪاوٽ جي 2025 تائين جاري رکڻو آهي. ان عمل کي بنا ڪنهن جواز جي بند ڪيو آهي جيڪو ويٽنگ اميدوارن سان سراسر ظلم ۽ زيادتي آهي اسان سڀ ويٽنگ اميدوار نگران وزير اعليٰ سنڌ، چيف سيڪريٽري سنڌ، وزير تعليم ۽ سيڪريٽري تعليم کان مطالبو ٿا ڪريون ته پرتين واري عمل کي جلد کان جلد پيهر شروع ڪري ويٽنگ اميدوارن مان مايوسي ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ اسان پنهنجي احتجاج جو دايرو وڌائي ڪراچي ۾ دما دم مست قلندر ڪنداسين

بقايا | سنڌيار 14

وٽ مين ملي ميرپورخاص روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سنڌ کي حڪمرانن توڙي پوليس جي نااهلي اغوا انڊسٽري ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي معصوم پريا ڪماري پريا ڪماري کي سبيل هلائيندي به سال اڳ اغوا ڪيو ويو هو جنهن جو اجان تائين ڪو به پتو نه پيو آهي معصوم پريا سميت سنڌ مان ڪيترائي ماڻهو اغوا ٿي اجان تائين ڏاڙيلن جي قيد ۾ آهن پر حڪمران توڙي پوليس هنن جي بازيابي لاءِ ڪي به اپاءَ نه پئي وٺي سنڌ کي هٿ وٺي ٻڌاڻي جي باهه ۾ اڇلايو پيو وڃي سنڌ جي عوام عدم تحفظ جو شڪار ٿي پريشان بڻيل آهي نه ٻي طرف نگران سرڪار ملڪ ۾ مهانگائي کي ڪنٽرول ڪرڻ بدران ويٽر پيٽرول جا اڳهه وڌائي ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان آڻي ڇڏيو آهي مهانگائي سبب ڪاڏي پيتي جون شيون اٿو ڪنڊ گيهه پاڇين سميت هر قسم جي شين جا اڳهه آسمان سان گفتگو ڪري رهيا آهن غريب ڏهاڙي ڌار طبقو مهانگائي سبب بکون ڪاٽي رهيو آهي ٻر حڪمران آئي ايم ايف جي فرمائش تي ملڪي عوام مٿان ظلم ڪري رهيا آهن هنن سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس سميت وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي سنڌ مان اغوا ٿيل مغرين کي بازياب ڪرائي مهانگائي ختم ڪئي وڃي.

بقايا | سنڌيار 15

دلچسپي کي ڏسي قانون جي شاگردن جي تربيت لاءِ هن ڪانفرنس جو انعقاد ڪيو آهي هن موقعي تي بدين بار جي صدر محمد رفيق آرائين سينئر وڪيل امير آزاد پنهور فياض ابڙو رام ڪولهي علي رضا سومرو ۽ ٻين چيو ته قانون جي تعليم تربيت گهالهائڻ جي بهترين صلاحيت تجزياتي مهارت سنجيدگي جي حامل نوجوان لاءِ قانون جو شعبو انتهائي مناسب آهي چو ته تعليم ڏيندڙ ادارا انهن نوجوانن جي صلاحيتن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڪين پيشيور بنائين ٿا قانون جي ڊگري حاصل ڪرڻ ڪانپو، ٽوهان مئجسٽريٽ سول جج ايڊيشنل سيشن جج سرڪاري وڪيل ڪارپوريٽ وڪيل بنجي سگهن ٿا پاڪستان ۾ آيل آيل بي ڪانپو تعليم کي خاص اهميت نٿي ڏني وڃي پر ان ڏس ۾ بي ايچ ڊي اسپيشلائيزڊ پريڪٽيڪل ٿيوري سان گڏ آئين قانوني مضمونن ٽيڪسيشن قانونن سان گڏوگڏ مختلف شعبن جي تعليم حاصل ڪئي وڃي ٿي انهن موضوعن تي دسترس حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ توهان آميڪا برطانيا جرمني روس وغيره ۾ ملازمت به حاصل ڪري سگهو ٿا هن موقعي تي قانون جي شاگردن شيراز ميمڻ وقار زنئور عبدالسلام ڪنبر سڪندر سومرو فهد پليجو ۽ بين لا ڪانفرنس جي منتظمين ۽ سينئر قانونداڻن جو شڪريه ادا ڪندي چيو ته هن ڪانفرنس سان سندس رهنمائي ڪندي ڪين بهتر مستقبل ڏانهن وڌڻ ۽ باوقار شخصيت بڻجڻ جي تاج ڏيکاري ويئي آهي

بقايا | سنڌيار 16

احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جنهن جي ڪري بدين حيدرآباد روڊ تي پنهين پاسن کان ٽريفڪ معطل ٿي ويئي هن موقعي تي شهرين نعمان ناصر پرويز ۽ ٻين چيو ته هڪ طرف بدترين مهانگائي جي ڪري غريب ماڻهو ٻن ويلن جي مانيءَ لاءِ پريشان آهن ته ٻي طرف حيسڪو طرفان ظالمانا بل مرڪلي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪيو ويو آهي بل ڀرڻ باوجود حيسڪو اختيارين ڏاڍائي ڪري ڪنيڪشن ڪاٽي عوام کي پريشان ڪري رهيون آهن هنن چيو ته اتو گيه ڪنڊ چانور دالين جي قيمتن کي باهه لڳي ويئي آهي آهي ماڻهن جي قوت خريد کان ٻاهر آهن مٿان بجلي مهانگي ڪري عوام جي صبر کي ختم ڪيو ويو آهي هن موقعي تي پوليس اٿالن ۽ مظاهرين ۾ چڪرون ڏيندين رهيون بعد ۾ پوليس اٿالن مظاهرين تي ڇڙڪائي ڪري ڪين منتشر ڪري ڇڏيو جنهن ڪان پوءِ نوجوان ٽولين ۾ تبديل ٿي شهر جي مختلف علائقن ۾ حيسڪو خلاف احتجاج ڪيو ۽ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته بدين ۾ ناجائز بل ختم ڪري بجلي جي اڳهن ۽ واڌ واپس ورتي وڃي

بقايا | سنڌيار 17

ڏينهن ڏني ڳوٺ حسين پور جي گوٺائي فقير الهڏنو گگي کان 12 لک روپيا قرب واقعي ۾ ظاهر ٿيل جوابدار گرفتار نه ٿيڻ ۽ قرب جي رقم برآمد نه ٿيڻ خلاف غريب گوٺائي الهڏنو گگو فقير عثمان سومرو، آفتاب گگو، علي اڪبر گگو ۽ ٻين ڏوڪ لڳ حارث فارم تي سنڌ جي نگران گهرو وزير حارث نواز سان ملاقات ڪئي، ان موقعي تي ايس ايس پي سجاول شهلا قريشي ۽ پوليس جا ٻيا لاڳاپيل عملدار موجود هئا. ان موقعي تي فريادي ڌر گهرو وزير ۽ ايس ايس پي سجاول کي بريفنگ ڏني ته قر واقعي ۾ ملوث جوابدار سي سي ٽي وي فوٽيج ذريعي ظاهر ٿيا. ۽ سندن گرفتاري بعد قرجي رقم پڻ برآمد ٿي، پر ميرپوربٽورو پوليس جي هڪ بالا آفيسر گرفتار جوابدارن کي آزاد ڪري رقم مبينا طور هڙپ ڪري ڇڏي آهي. فريادين موجب سنڌ جي نگران گهرو وزير ۽ ايس ايس پي سجاول جوابدارن جي گرفتاري رقم واپس ڪرائڻ ۽ ڏوهارين جي مبينا مدد ڪندڙ پوليس آفيسر خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ جي يقين دهاني ڪرائي آهي.

بقايا | سنڌيار 18

پوريون هٿ، زراعت ڪاني حوالي، مقرر اڳهه ڪان وڌيڪ قيمت وصول ڪندڙ توڙي ماپ ۾ ڪوٽ ڪندڙ 3 پيٽرول پمپن مٿان 35 هزار روپيا ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو.

بقايا | سنڌيار 19

ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي اميدوارن آزاد ٽالپر، ياسر شر، فيصل ميمڻ، حفيظ سليم، ڪامران راجپوت، اويس ٽالپر، جمشيد سومرو، خالد خاصخيلي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پي ايس ٽي - جي ايس ٽي جي پرتين تي لڳايل بلاجواز روڪ سبب سموري سنڌ سميت تعلقا ٽنڊو محمد خان جا اميدوار به شديد ڏهني اذيت جو شڪار آهن. ٽنڊو محمد خان ۾ تعليم جي حالت اڳ ۾ ئي گهٽتي جوڳي آهي ڪيترائي اسڪول بند پيل آهن جنهن ۾ ڪيترن ئي استادن جو جايون به خالي آهن. ڪيترائي ٻين ضلعن جا ماڻهن پرتي ڪيل آهن جيڪي پنهنجي ڊيوٽي به سر انجام نٿا ڏين جنهن سبب تعلقي ٽنڊو محمد خان جا 60 کان وڌيڪ مارڪون ڪٽڻ وارا اميدوار به ويٽنگ ۾ رولڙي جو شڪار آهن. هن چيو ته تعليم کاتي ۽ اڳوڻي سنڌ حڪومت استادن جي پرتين واري سلسلي کي 2025 تائين جاري رکڻ واري پاليسي جي منظوري ڏني هئي جنهن تي هاڻ بهانا بڻائي پرتين جي عمل کي مڪمل طور تي روڪيو ويو آهي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي. هنن وڌيڪ چيو ته تعليم پاران جو بنيادي حق آهي ان لاءِ ٽنڊو محمد خان جي ايس اين اي جيڪا ٽنائس ڊپارٽمينٽ ۾ انڪيل آهي اها منظور ڪري بند پيل سموراً اسڪول کولي ان ۾ ٽيسٽ پاس استادن کي موجوده خالي جاين تي پرتي ڪري ٻين ضلعن جي ماڻهن کي پنهنجن پنهنجن ضلعن ڏانهن موڪلي مقامي ٽيسٽ پاس ڪواليفائيڊ اميدوارن کي آندو وڃي ته جيئن غريب پاران جو ٽيندڙ تعليم جو نقصان رڪجي سگهي

بقايا | سنڌيار 20

علماء مولوي عبدالواحد قاسمي ۽ پرڙا برادري جي معزز شخصيت مشتاق علي پرڙو پنهنجي برادرين ۽ ساٿين دوستن سميت اين پي پي جتوئي گروپ کي الوداع ڪري پاڪستان پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ان سلسلي ۾ لنجار هائوس نواباشاه ۾ اڳوڻي صوبائي وزير ضياءُ الحسن لنجار سان ملاقات ڪري سندس هٿ تي اعتماد ڪندي پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو ان موقعي تي نذير احمد ميمڻ پڻ موجود هو ان دوران مولوي عبدالواحد قاسمي ۽ مشتاق علي پرڙو چيو ته چيئرمين نذير احمد ميمڻ اسان سان مسلسل رابطي ۾ هوهاڻي اسان محترم ضياءُ الحسن لنجار جي هٿ تي پنهنجن برادرين دوستن ساٿين سميت پي پي پي ۾ شامل ٿيا آهيون هاڻي اسان جو مرڪز جيئڻ پي پي سان آهي اسان محترم ضياءُ الحسن لنجار تي مڪمل اعتماد ڪندي پي پي لاءِ هر قربانيءَ ڏيندا سين

بقايا | سنڌيار 21

۾ حسنين عباس، ثقلين عباس، ضامن علي، سراج احمد ۽ ٻين پارن شاه لطيف منڪر شاعر آهي ۽ ايون پڻ ٻڌايون شاه لطيف منڪر شاعر آهي سندس شاعري ۾ مسلسل جاکوڙ ۽ جدوجهد جو درس ملي ٿو: ساقي ابڙو رپورٽ موجب سنڌ ڌرتي جي عظيم منڪر شاعر شاه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس جي حوالي سان اڄ رتوديرو ۾ پارن پاران ڀهريون پيرو "لطيف جو ڏهاڙو" ملهايو ويو ان سلسلي ۾ بالڪ علمي ادبي سنگت رتوديرو پاران "العباس ادبي منزل" تي هڪ خوبصورت تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ تنظيم جي بالڪ ساٿين سميت شهر جي پارن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري "شاه لطيف" سان پريور معصوم محبتن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي حسنين عباس ثقلين عباس ضامن علي سراج احمد ۽ ٻين پارن تمام بهترين انداز ۽ اخراج سان شاه لطيف جا بيت ۽ وايون ٻڌائي ڪيس زبردست پيتائون پيش ڪيون تقريب کي خطاب ڪندي قومي ۽ مزاحمتي شاعر ساقي ابڙو چيو ته شاه عبداللطيف ڀٽائي نه رڳو سنڌ پر دنيا جو ئي هڪ عظيم ۽ منڪر شاعر آهي جنهن جي شاعري ۾ مسلسل جاکوڙ ۽ جدوجهد جو درس ملي ٿو اسان کي گهرجي ته شاه لطيف کي بزرگ يا پير ڪري پوڄڻ بجاءِ سندس شاعري ۾ ڏنل فڪر ۽ فلسفي سمجهون ۽ ان تي عمل ڪريون

بقايا | سنڌيار 22

ڳوٺ جي بااثر جمال شاه ۽ هاشر شاه وارن گم ڪرايو آهي . بااثر گذريل ڏينهن احمد شاه عرف پوڙهو شاه ۽ ڪمال شاه گڏ جي اسان جي گهر کي باهه ڏني جنهن سبب اسان جي گهر جو لوڙهو مڪمل سڙي رک ٿي ويو . اسان جا گس پند بند ڪيا ويا آهن مختلف ڪيسن ۾ قاسايو ويو آهي . پوليس به بااثرن سان گڏ آهي . اسان ڪورٽ ۾ پڻ بااثرن خلاف درخواست ڪئي آهي . هن چيو ته ڪيور پوليس اسان سان زيادتين جي انتها ڪري چڪي آهي . ڪجه ڏينهن پهرين بلاجواز ڪيور پوليس منهنجي پٽ زاهد شاه ۽ منهنجي ڏيئر حاجي محمد شاه کي ڪنبي ڪٽي ويا هو. جنهن کي پوليس لکين روپيه رشوت وٺي آزاد ڪيو هو. هن چيو ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ اسان کي تحفظ فراهم ڏيئي اسان جي مٿان داخل ڪوڙن ڪيسن کي ختم ڪيو وڃي . ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائيو ويندو .

بقايا | سنڌيار 23

ڪائنات جي لاءِ هدايت جو سرچشمو ۽ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي جي ضمانت آهي. مجدد الف ثاني رحمت الله عليه ۽ امام شا احمد رضا خان بريلوي رحمت الله عليه چند عبادتن يا چند اخلاقن جو درس نه ڏنو پر زندگي جي هر شعبي ۾ جيئڻ جو درس ڏنو ته جيئن انسانيت راحت جو ساهه کڻي سگهي هي آهي انسانيت جو عروج ۽ حضور اڪرم صلي الله عليه واله وسلم جي وراثت جو حق آهي. اج جو المياهو آهي ته اسان وٽ مختلف مڪاتب فڪر حضور اڪرم صلي الله عليه واله وسلم جي سيرت جي مختلف پهلوئن تي بحث مباحثا ٿيندا آهن پر ان سان معاشرتي تبديليون جي لاءِ رهنمائي حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي. اج سلسلا نقشبنديه جو سالار خواجه محمد طاهر المعروف سجڻ سائين حضرت محمد صلي الاعلي وسلم جي علمي ۽ عملي زندگي بابت آگاهي ڏئي رهيو آهي هن موقعي تي خليفي خليل احمد راهوجو طاهري ذڪر جي دعوت ڏني ۽ مراقبو ڪرايو. ان موقعي تي خليفي محمود علي ميمڻ، خليفي حسيب احمد راهوجو، مشرف محمود قادري، نور احمد قاسمي، ڊاڪٽر سعيد اعوان، مفتي محمد نعمان حنفي، ، مولانا مقصود احمد طاهري، ڪامران طاهري، مولانا افضل حسيني، آصف راجپوت، صبغت الله ميمڻ، منور علي ڪوسو ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار 24

پارٽي ۾ ڪيو هن وڌيڪ چيو ته دادو ضلعو سنڌ جي اتر وارن ضلعن کان گهڻو مختلف آهي هتي قبائلي تڪرارن سبب ڪجهه ٿائن جي حدن ۾ خونريزي جا واقعا پيش آيا آهن جن تڪرارن جي مک ڪردارن ۽ سهولت ڪارن سميت ٻين وڏن تندن ڏوهن ۾ ملوث ماڻهن خلاف جلد پوليس پاران سخت آپريشن ڪيو ويندو ۽ منهنجي ڏينهن رات اها ڪوشش هوندي ته دادو جي ماڻهن کي امن و امان جهڙي خوشي ڏيان. ان موقعي تي دادو پريس ڪلب جي صدر صابر علي پنڊ، سينيئر نائب صدر شهزاد چانديو، نائب صدر غوث علي جهتيال، سينيئر صحافين گلڻ پنڊ، ولي چانديو، سرور جلال سولنگي لياقت ملڪ، آزاد بلوچ، ادل مهيسر، اشفاق ملڪ، نياز چانديو، سخي سردار چارڻ، رضوان منگي، دانش خشڪ، فقير محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري تائين صحافين جو احتجاج جاري رهندو.

بقايا | سنڌيار 25

بل جي مد ۾ 40 لک روپيا رهيل هٿا چڪا به ادائگي ڪئي وئي آهي. ايڊمسٽريٽر دور ۾ ضلع ڪائونسل جي اڪائونٽ، ملازمن، پينشنرن سميت ٻين سان وڏي حالت ٿيل هئي اڄڻ شرط انهن جو ازالو ڪيو آهي، پوري ضلعي اندر ضلع ڪائونسل جي ملڪيت تي قبضا آهن جنهن لاءِ ڪاميٽي جوڙي آهي جنهن جي رپورٽ بعد ايس ايس پي دادو کي خط لکي قبضا خالي ڪرائيا هن وقت به ضلع ڪائونسل جي پراپرٽي ڪروڙين روپيين جي آهي جنهن ۾ دوڪان، زمينون، شاپنگ سينٽر، عيد گاه سميت پيون شيون موجود آهن. جلد نگران حڪومت کي ليٽر لکيو ته پياروشگر مل جي ٽيڪس سميت پيا ٽيڪس واپس ضلع ڪائونسل کي ڏنا وڃن. ڪوشش آهي دادو ضلع ڪائونسل جي ملازمن جا سموراً مسئلا حل ٿين ۽ سڄي ضلعي اندر ترقياتي ڪم شروع ڪيا ويندا. ڳوٺن ۾ صاف پاڻي جي سهولت سان گڏ روڊ رستا تعمير ڪرائي انڊس هاءِ ويز تي مسافر خانه پڻ ٻيهر تعمير ڪرائيا جيئن سفر ڪندڙ شهرين کي بهتر سهولت مهيا ڪري سگهون. ڪروڙين روپيين جي مد ۾ ڪرپشن بابت پڻ انڪوائري ڪرائي ملوث عملي خلاف پڻ ايڪشن ڪٺو. هن چيو ته پيپلز پارٽي جي منشور تي مڪمل عمل ڪندي عوام جي خدمت ڪبي ۽ پارٽي جي چيئرمين جي حڪمن تي عمل ڪبو. نيڪدارن به ماضي ۾ ضلع ڪائونسل سان گهڻ ته ڪئي آهي جنهن ۾ ضلع ڪائونسل جا اڳوڻا ايڊمنسٽريٽر ۽ ڪلاڪن ٻنهي هٿ سان ضلع ڪائونسل کي نقصان رسايو آهي. جلد دادو ضلع ڪائونسل سنڌ جي بهتر ضلع ڪائونسل ثابت ٿيندي.

بقايا | سنڌيار 26

پوليس موجب ته خانپور جي ڪجي واري علاقن ۾ اشتهاري ڏوهارين جي گرفتار ڪرڻ لاءِ سندس جي گهرن تي چڙهائي ڪئي آهي جيڪي گهر چڏي فرار ٿي ويا آهن جن جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن جاري آهي ايس ايس پي شڪارپور خالد مصطفي ڪورائي جي اڳواڻي ۾ ڏوهارين آپريشن جاري آهي جلد ڏوهن ۾ ملوث ۽ اشتهاري ڏوهارين جي گرفتار ڪيو ويندو ايس ايس پي شڪارپ